آدرش تعليمي سنسٿائن طرفان

سنڌي سرڪل

جي

سالياني سوکڙي

❀

١٩٧٧



ـہ آکر

مسدس کان آرزو ٻارن جي ٽي اج ٻرڻواب آهي !
جو هيءَ 'سوغات' ٽي ٽن جي اُمنگن جو جواب آهي !

آدرش تعليمي سنستائن سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ساهتيہ ۽ سنڌيت جي جوت جڳائي، سنڌي جاتيءَ کي ڄاڻ ڏيارڻ ۾ جا جفاڪشي ۽ جاکوڙ ڪئي آهي سا ڪنهن کان ڳجهي ڪين آهي. **آدرش سنڌي سرڪل** جي سهاري، اسرندڙ ٽهيءَ جي وديارٿين جي ٽيءَ رچنائمڪ سوغات سنڌي ساهتيہ جي ڏس ۾ هڪ ننڍڙو، مگر تحسين جوڳو قدم آهي.

مستقبل جي تاريڪ انديشن کي مدنظر رکي سنڌيت جوت کي جڳائڻ صدقي، هيءَ تصغيري آغاز ڪيو آهي ۽ انهيءَ سلسلي کي جاري رکڻ جو پس-منظر اوهان جي هٿن ۾ آهي. ودیارٿين جي رچنائن سواءِ، ڪن تعليمي هم-رفيقن ۽ ادبي دوستن جون ڪي قلمبندون پڻ شامل ڪيون ويون آهن ته جئن ارٿي مقبول عالمن جي نقش قدمن ۾ هلي پنهنجي

آدرش سنڌي سرڪل

سمپادڪ منڊل

پرزيڊنٽ .... شري جهمٽمل ٽلوائڻي (پرن

سمپادڪ .... شري موتيرام واليچا "زنده

جنرل سيڪريٽري .... مس هرديوي چتوا

year T.D.C.)

سيڪريٽري .... شري رميش ڪمار روپاڻي (E

سهائڪ

اڌياپڪ

١- شري ڊولت "راهي"

٢- شري ڀيرو مل

٣- شري طوطارام

٤- مس اندرا موٽياڻي

٥- شري وجئه ڪمار جيناڻي

وديارٿي

١- مس گنگا ملڪاڻي (آدرش ڊگري ڪاليج)

٢- مس پاربتي ايشورچندر (آدرش وديالي)

٣- مس جانڪي ڀلاجراء (آدرش ڪنيا وديالي)

٤- شري راڌا ڪرشن (آدرش وديا مندر)

٥- مس دروپدي آسواڻي (آدرش وديالي)

چاڙيءَ جو انهيءَ چوڻ ۾ وڏاءُ نه ٿيندو ته هن نيڪ
ه جي ٻرٿوابيءَ جو 'روح روان' پرنسيپال
جهمٽمل ٽلواڻي آهي جنهن اقتصادي دقتن هوندي
ر ۽ اورچائيءَ کان ڪم وٺي سنڌي ڪاره جي
بءَ کي مالهي ٿيءَ سرسبز ڪرڻ ۾ تن، من ارپڻ
آهي ۽ پيا ڪن. نه ته هيڏي سندر آشا، محض
ب رهجي وڃي ها:- چوڻي آهي ته:-

انسان لاکه بار چاهي تو کيا هوتا هئه؟
هوتا وهي هئه جو منظور خدا هوتا هئه!

! هي ۾ حڪم مالڪ جو! اڳتي ۾ انهيءَ تي نڌڳ!
واڳ نڌڻيءَ جي وس!
آنءُ ڪا ٻاڻ وهيڻي؟

— سمپادڪ

عبارت ۽ تخيل ۾ اظهار آڻي سگهن. بس انهيءَ نئ
مخصوص مراد ۽ مقصد جي برآوريءَ جي هيءَ نمائندي
شروعات ڪئي اٿئون.

ورهاڱي جي ولولي ڪانپوءِ جنهن ادبي ورثي
اسين حقي وارث بڻايا هئاسين، ۽ اُن کي برقرار رکڻ
اُها زهد اُمانت پشت اندر پيڙهيءَ کي سونپڻ جي
اخلاقي ذميداري ڪٽڻي هئي، تنهن جي پورائي ڪر
۾ ڏينهن رات هڪ ڪري سنڌي ساهتيہ جي سرجا
۾ ڪسر نہ ڇڏي اٿئون. آشا آهي تہ جيئن هي سلس
جاري رهيو تہ اسانجي سنڌي ساهتيہ جي شعاع جو
جهلڪون سماج جي بلند افلاڪ تي پهچي دنيا جي
ترقي - پسند قومن ۾ پنهنجي روشني ڏينديون رهنديون

انسان خطا جو گهر آهي. اُهو سوار ئي ڪهڙو ج
ڌوڙي تان نہ ڪريو هوندو! اسين پنهنجي ڪمزور
کان بنہ خالي نہ آهيون مگر اسانجي ڪمين پيشين ک
اوهانجي نظراندازي هن امر جوت جڳائڻ ۾ ڪاف
تقويت بخشيندي ۽ اوهان جي همت افزائيءَ جا اس
عظيم قائل رهنداسون. معافي طلب آهيون اُن
ليکڪن ۽ ادبي دوستن جا جن جون رچنائون بار ب
گهرڻ جي باوجود بہ وقت اندر نہ پهچڻ سبب، ه
مجموعي ۾ جڳهہ نہ پائي سگهيون.

ٻين جو ڀلو

هي سنسار هڪ سمنڊ وانگر آهي جنهن جا ڪنارا
ـڪ ۽ ڏک آهن. هن سنسار ۾ ڪيترن قسمن جا
اٺهو رهن ٿا. هر انسان کي پنهنجن ڪرمن جو ڦل
ر ڀڳڻو پوي ٿو. اڄڪلهه جا انسان سوارٿي ۽ خود مطلبي
هن. هر انسان پنهنجي لاءِ ئي سوچي ٿو. پنهنجي
ري ڀلائي لاءِ هو نه ڪرڻ جهڙا ڪم به ڪري ٿو ۽
ن جو گهڻو نقصان ڪري ٿو جيئن چوڻي آهي ته،
جيري لاءِ ٻڪري ڪهڻ."

ان ڪري ئي اڄ سماج ڏکي آهي. پر انسان کي
ر د مطلبي نه ٿيڻ گهرجي. پنهنجي ديش کي سٺو ۽
چو ڪرڻ لاءِ هر انسان ۾ اها ڀاونا هئڻ گهرجي ته هو
ـجي ڀلائي جو تياڳ ڪري ٻين جو ڀلو ڪري. انهن
ئي جيون سڦل آهي جن پنهنجو جيون ٻين جي
ي لاءِ ڪم آندو آهي. جيئن هڪ چوڻي آهي ته،
"جيئڻ انهن جو سڦلو جي جيئن ٿا ٻين لاءِ،
مرڻ انهن جو سٺو جي جيئن ٿا پاڻ لاءِ."
هڪ زميندار هو اُن کي ٽي پٽ هئا. زميندار ڏاڍو

مجموعو سيڱاريندڙ

	صفحو		صفحو
ڪملا ٽيرٿياڻي	٥	گوپي آسناڻي	٦٠
جانڪي ڪيولاڻي	٨	نرملا روهڙا	٦٥
جانڪي ڏيوناڻي	١٢	رشي راج شرما	١٧
مينا راواڻي	١٦	اندرا موٽياڻي	٧٦
لڪشمي سي. ايچ.	١٩	ڀيرومل رنگواڻي	٨٣
نرملا جوٽسنگهه	٢٢	رتنا واڇاڻي	٨٦
جسودا پوڄواڻي	٢٥	هري همٿاڻي	٩٦
گوداوري سنتداساڻي	٢٩	نارائڻداس ميراڻي	١١٠
هرديوي چتواڻي	٣١	سوڀو رامچنداڻي عيش	١١٥
لڇمي پمنداس	٣٨	سيرو "سياه"	١١٧
چنشري ڏلوڪاڻي	٤٢	روچو "خوابي"	١١٨
ڌنونتي بدلاڻي	٤٥	چونواڻي "پيرس"	١٢٠
پدما مونواڻي	٤٩	ديولڙ "راهي"	١٢١
ڪملا چندرماڻي	٥١	وليچا "زنده"	١٢٢
گنگا ملڪاڻي	٥٧		

Published by : Shri J. G. Tilwani on behalf of 'Sindhi Circle' of Adrash Educational Institutions Ajmer.

Printed by : Shri Girdhari Lal Gur at Kohinoor Printers, Shekha Mohalla, Ajmer.

ڪجهه ڏينهن بعد ننڍو پٽ آيو ۽ پيءُ کي چيائين ته اي پتاجي منهنجو هڪ ڪٽر دشمن شراب پي ڪري نشي ۾ پهاڙ تي هليو ويو. اهو اهڙو ته نشي ۾ چور هو جو ٿوري ئي لڏڻ ڪري هو پهاڙ تان هيٺ ڪري پوي ها. منهنجو ڪٽر دشمن هوندي به مون ان شرابي دشمن کي ڪلهي تي کڻي گهر تائين پهچايو. ان شرابي کي شرم کان بچائڻ لاءِ مان پنهنجو منهن ڍڪي ڇڏيو جيئن هو رستي ۾ هوش اچڻ تي به مون کي ڏسي دل ۾ ائين محسوس نه ڪري. اهو ٻڌي زميندار ڏاڍو خوش ٿي چوڻ لڳو ته پٽ هي هيرو مان توکي ئي ڏيان ٿو تو ئي سچي دل سان ۽ سوارٿ نه ٿي ڪري ٻين جو ڀلو ڪيو ۽ سچي ڀلائي اهائي آهي جيڪا سوارٿ جي نه پر ٻين جي ڀلائيءَ ۾ آهي.

جيڪو ماڻهو جيتري ٻين جي ڀلائي ڪري ٿو اهو اوترو ئي وڏو ٿي سگهي آهي ۽ اهو ئي پرماتما جي ...جهو آهي انسان ٻئي جو ڀلو ڪري ته انجو به ڀلو ضرور ٿيندو.

نصيحت:

هن مان اها نصيحت ٿي ملي ته اسان کي ٻين جي ڀلائي ڪرڻ گهرجي. اسان کي خود مطلبي ۽ سوارٿي نه ...ڻ گهرجي.

ڪملا تيرٿاڻي
(نائون ٻي)

ڏيالو ۽ ٻين جو ڀلو ڪندڙ هو. جڏهن اهو ٻڍو ٿيو ۽ مرڻ گهڙيءَ آيو هو ته ان پنهنجي ملڪيت جا ٽي حصا ڪيا. ان وقت هڪ قيمتي ڪوهنور هيرو هو. زميندار پنهنجن ٽنهي پٽن کي چيو ته توهان مان جيڪو سڀني ۾ سٺو ساراهه لائق ڪم ڪري ڏيکاريندو ان کي اهو هيرو ملندو.

ٿورن ڏينهن بعد زميندار جو وڏو پٽ پيءُ وٽ آيو ۽ چيائين ته "اي پتاجي، هڪ ماڻهو مسافري ڪرڻ وڃي رهيو هو ۽ ان مون کي بنا ڪنهن ثابتي جي پنج سؤ روپيا رکڻ لاءِ ڏنا. مسافري ڪري موٽڻ کان پوءِ ان ماڻهو مون کان پئسا ورتا ۽ مون ان کي اهي پئسا ڏنا. جيڪڏهن مان چاهيان ها ته ان جا پئسا هضم ڪري سگهان ها ڇاڪاڻ ته ان وقت ڪا به ثابتي نه هئي. ان ڪري توهان هيرو اهو مون کي ڏيو. زميندار جواب ڏنو ته تو ڪو ڀلائي جو ڪم نه ڪيو آهي پر تون پاپ کان بچي ويو آهين.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ ٻيو پٽ آيو ان چيو ته "اي پتاجي اهو هيرو مون کي ڏيو. ڪنڀ جي ميلي ۾ هڪ ڇوڪرو ۽ ان جو پيءُ نديءَ ۾ سنان ڪري رهيا هئا. بدقسمتي سبب اهو ڇوڪرو تيز ڌارا ۾ وهڻ ڪري ٻڏڻ لڳو هو ته مون نديءَ ۾ ٽپ ڏيئي ان ڇوڪري جي جان بچائي. ان ڪري هيرو مون کي ڏيو. زميندار چيو ته تو پنهنجو فرض پالڻ ڪيو آهي.

اُتان لنگھيو ۽ ديڳ ڏسي ان مرد کي چيائين ته تو ھيءَ
ديڳ ڪٿان آندي ھي ته راجا جي آھي. ٻڌڻ ان
مرد چيو ته توھان ڀلي اھا ديڳ کڻو مونکي ڪو
اعتراض ڪونھي پر وزير کي شڪ ٿي ته متان راجا
کي چئي مونکي مارائي ڇڏي تنھن ڪان اڳ مان ھنکي
ختم ڪريان. وزير ان مرد تي وار ڪرڻ وارو ھو ته
ان وقت مرد چيو ته مونکي ڀلي ماريو پر منھنجي ھڪ
ڳالھ ٻڌو. ھتان ڪان ڪجھ ميل پري رتن پور ڳوٺ
۾ ديوي جي مندر ۾ منھنجا ٻار ويٺا آھن انھن کي
وڃي چئه ته توھانجو پتا تيرٿ ڪرڻ ويو ۽ ڪجھ
مھنن بعد واپس ايندو. ان توھان جو نالو داد ۽ فرياد
رکيو آھي. ايترو چئي ان مرد سر جھڪايو ۽ تيار ٿيو.
وزير اھا ديڳ خالي ڪئي ۽ راجا جي ڏنل خنجر سان
مونکي ماري چار ٽڪر ڪري ان ديڳ ۾ وڌو. ان
ديڳ ۾ وجھي ڇڏڻ وزير ان ڪنڌ کي بند ڪيو ته ان
جي تلوار ان ديڳ ۾ ڪري پيئي ۽ وزير کي خبر ڪانه
پيئي ۽ وزير ڪنڌ بند ڪري ھليو ويو ۽ ان ڳوٺ ۾
آيو. اُتي اُنھن ٻارن کي ڏسي سڏ ڪيائين ۽ انھنکي
چيائين ته پٽ توھانجو پتا ساڌن سان گڏ تيرٿ ياترا
ڪرڻ ويو آھي ۽ ڪجھ مھنن بعد واپس موٽندو. ان
توھانجو نالو داد ۽ فرياد رکيو آھي. توھان ھتي ويھي
رھجو ۽ اُتان وزير ھليو ويو. ٻار ھڪ ٻئي کي داد ۽
فرياد جي نالي سان ھڪارڻ لڳا. ڪيترا ڏينھن لنگھي

لالچي وزير

رتن پور نالي ڳوٺ ۾ هڪ ٻڍو ۽ ٻڍي رهندا هئا. انهن کي هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري هئا. اهي ڏاڍا غريب هئا. هڪ ڏينهن انهن ٻئي ڳوٺ ۾ وڃڻ جي سوچي ۽ پئسا گهٽ هئڻ ڪري بيل گاڏيءَ ۾ چڙهيا ان وقت تيز برسات پيئي جنهن ڪري رستو ڪڏا ٿي پيو. رات جو اونده ۾ اها گاڏي هڪ ڪڏي ۾ وڃي ڪري ۽ اهي ٻڍو ٻڍي مري ويا. سندن ٻار روئڻ لڳا. اتان هڪ مرد لنگهيو ان کي ٻار ڏسي ديا آئي ان اهي ٻار پاڻ سان گڏ ڪيا. ماڻهن ان مرد کي چيو ته تون هن ديويءَ جي مندر ۾ سنڀال ڪر ۽ هنن ٻارن کي نه سنڀال. تڏهن ان ائين ڪيو. ڪجهه ڏينهن بعد هن سوچيو ته مندر جا پئسا نه ڪڍي ڪري مونکي ڪو ڪم ڪري ڪمائڻ گهرجي اهو سوچي اهو ڪاٺيون ڪرڻ ويو ۽ روز ڪاٺيون ڪرڻ ويندو هو ۽ گذران ڪندا هئا. هڪ ڏينهن هو ڪاٺيون ڪرڻ ويو ۽ اُتي هن ڪهاڙي وڻ ۾ ٻڌي ڇڏي ۽ کڏ کوٽڻ لڳو. اوچتو هڪ گينين جي ديگ نظر آيس. ان وقت هڪ وزير اچي

سب مٿي هڻاهو. مٿي هڻڻ سان اُنان هڪ ڏيگهہ نڪتي
جنهن ۾ هڪ ماڻهوءَ جا چار ٽڪر پيل هئا ۽ راجا جو
ڏنل خنجر بہ ان ۾ پيو هو. تڏهن راجا کي شڪ پيدا
ٿيو. هن وزير کان پڇيو تہ توکي خبر آهي تہ هيءُ
لاش ڪنهن جو آهي. وزير چيو مونکي ڪجهہ خبر
نہ آهي. تڏهن راجا پڇيس تہ مون جيڪو توکي هيرن
جو خنجر ڏنو هو اهو ڪٿي آهي. جڏهن وزير پنهنجي
ميان ڏانهن ڏٺو تہ ميان ۾ خنجر نظر ڪين آيو تڏهن
وزير جا حوصلا خطا ٿي ويا. تڏهن راجا کي سڀ خبر
پئجي وئي ۽ ان وزير کي چيو تہ ان مرد کي تو ماريو
آهي. تڏهن وزير چوڻ لڳو مونکي ڪا بہ خبر ڪانهي
پنهنجو ڪو بہ ڏوھہ ڪونهي. پر راجا وزير جي هڪ بہ
ٻڌي ۽ ان ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ وٽ وڃي ڇوڪريءَ
پنهنجي پٽ سان پرڻائين ۽ ان ڇوڪري کي
پنهنجو وزير بڻايو.

ان مان اِها سکيا ٿي ملي تہ لالچ ڪرڻ خراب آهي.

جانڪي ڪيولاڻي
(ڏهون ٻي)

ويا پر انهن جو پتا ڪين آهو.

هڪ ڏينهن راجا شهر جو سير ڪرڻ نڪتو جڏهن ان چوٽ ۾ پهتو ته گاڏيءَ جي هيٺان اچڻ جي دپ کان ڇوڪري پنهنجي پيءُ کي داد جي ناليءَ سان پڪارڻ لڳي ۽ ڇوڪرو ٻئي پار ڇوڪريءَ کي فرياد جي ناليءَ سان سڏ ڪرڻ لڳو. جڏهن راجا اهي اکر ٻڌا ته وائڙو ٿي ويو ۽ ٻارن کي چيو ته توهان سان ڪهڙو ظلم ٿيو آهي جو داد ۽ فرياد چئي رهيا آهيو ۽ توهان جو اهو نالو ڪنهن رکيو آهي. تڏهن ٻارن چيو ته اهو نالو توهانجي وزير رکيو آهي. اسان کي پتا آهي اهو روز ڪانيون ڪرڻ ويندو آهي. ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن ته اسان جو پتا واپس نه آيو آهي. اسان وٽ وزير آيو ۽ ٻڌايائين ته توهان جو پتا ليرت ڪري ويو آهي ۽ توهان جو نالو داد ۽ فرياد رکيو آهي. تڏهن راجا وزير کان پڇيو ته اها صحيح ڳالهه آهي. تڏهن وزير چيو مونکي ياد ڪانهي گهڻي دير بعد چيائين ته ها هڪ جهنگل ۾ هڪ مرد هو ان مونکي چيو ته تون منهنجي مندر ۾ وڃ ۽ ٻارن کي چئو ته مان ليرت ڪري ٿو وڃان ۽ انهن جو نالو اهو رکجي. تڏهن راجا چيو ته اها جڳهه ڏيکار. وزير ۽ ٻيا ماڻهو اتي ويا. راجا انهن کي چيو ته اچو ته سنڌگ ڪريون ۽ انهن کي چيو ته هتان صفائي ڪريو. جڏهن ڪجهه ماڻهو صفائي ڪرڻ لڳا ته انهن کي بدبوءِ اچڻ لڳي. انهن اهو راجا کي ٻڌايو. راجا چيو ته اها

”راڄن! ديش کي راڄا ۽ ملهو ۽ ديش هتيم ٿي ويندو
ان ڪري سنتان جو هئڻ ضروري آهي. ان لاءِ اسين
ٺڪن جو ٿالهه ٺهرايون ٿا؛ جيڪو ٻه مائٽ پنهنجي ٻالڪ
جي ٻانهن ڏئي تنهن کي ٻل چاڙهيو وڃي.“ راڄا
ٻيسٽ انهي ڳالهه تي راضي ٿيو.

جلدي پنيد وري وارو ولن، ٺڪن جو ٿالهه ڪٽي
شهر ڏانهن روانو ٿيو؛ ماڻهن کي دهل ٿي ڏونڪر
هٽي ٻڌائڻ لڳو ته جيڪو ٻه شخص خوشيءَ سان پنهنجو
ٻالڪ ڪيڏي ڏيندو تنهن کي اهو ٿالهه ملندو. ؛
ٿر هو هڪ جهوپڙيءَ ونان اچي لنگهيا اتي هڪ
عورت پنهنجن پٽن سميت وٽي هئي. انهن جي اهڙي
حالت هئي جو هڪ ڏينهن کائين ته ٻئي ڏينهن آسرو
وند تي. انهن جڏهن اعلان ٻڌو ته ولن کي ٻارڙ وڪڻ
ڏٺو. پوءِ وري سوال اهو اٿيو ته ڪهڙي پٽ جي
اهه ڏئي. ان تي سندس پتي اهو چيو ته مان پنهنجي
ڏي پٽ کي تمام گهڻو پيار ڪندو آهيان؛ زال وري
هو ته مان ننڍي پٽ کي وڌيڪ چاهيندي آهيان.
رت اهو ٿالهه ڪٽي پنهنجي هٿن ۾ قابو ڪيو. سو
الي اچي وڃڻ لي ڪري!

بادشاهه جا ڪرمچاري ٻار کي وٺي دربار ۾ پهتا؛
هو شخص وڃي راجا کي ٻڌايون. آخر انهن ميدان

سياڻو ٻالڪ

ڪنهن سمي ۾ هڪڙو راجا هوندو هو. راڄ ڀاڳ جو نه گهٽو سک هوندو هوس. پر سنتان جي ڪمي هئس. عمر جا ڏينهن وڃا ٿي ڪٽيا ۽ تيئن تيئن راجا جون چنتائون ٻه وڌون ٿي وڌنديون. هيڏي وڏي راڄ جو ڪو ڌڻي ڪونه هو جو ڪانئس پوءِ وارث بڻجي سندس پيڙهي قائم رکي.

بادشاهه انهن ڳڻتين ۾ وڃو ڳرندو. هڪ ڏينهن هڪ ساڌو گهمندو ڦرندو اچي راجا جي دربار ۾ پهتو. تنهن راجا جا گرهه گوچر واچي ڏٺو ته راجا کي سنتان هڪ ئي شرط سان نصيب ٿي سگهي ٿي جيستائين ڪنهن ٻار جو ٻليدان ڪالي مائي کي نه چاڙهيو ويو آهي، تيستائين راجا کي اولاد جي پراپتي نه ٿيندي. بادشاهه اهو ٻڌي ڏاڍو اداس ٿيو ڇاڪاڻ ته ڪنهن به ٻار جو ٻليدان ڏيڻ هن لاءِ ڏکي ڳالهه ته ڪانه هئي، پر راجا بلڪل نياوڪاري هو ۽ اهڙي قسم جو انياءُ ڪرڻ هن لاءِ ناممڪن هو.

تنهن وزيرن عقل لڙائي هڪ رٿ بادشاهه کي ڏني،

۽ اڄ پنهنجو بيگناهه خون ٿا ڪرايو. باقي چوٿين ان
لاءِ آهي ته جيڪڏهن هن حالت هيٺ مون کي بيگناهه
ٻل ڏسي چاڙهيو ويو ته چوٿين ڏوڙ آهي ڀڳوان جي
منهن ۾ جو هو پڻ ان انياءَ ۾ شامل آهي."

ٻالڪ جو اهڙو جواب ٻڌي، راجا جا تپ ڏري ويا.
ٻالڪ جي سياڻپ ۽ عقل ڏسي پڇيائين "هڪڙي سياڻي
ٻالڪ کان وڌيڪ سٺو سنتان مولڪي ٻيو ڪهڙو
جمسدو؟"

۽ اُن وقت ئي هن ٻالڪ کي پنهنجو گود جو پٽ ظاهر
ڪري ڪيس ٻارط کان پوءِ پنهنجي راجائيءَ جي وارث
و اعلان ڪري ڇڏيو.

جانڪي ديوناني

(ڏهون ٻي)

جو هڪ ڏينهن مقرر ڪيو. جنهن ڏينهن تي بالڪ کي ٻَل چاڙهيو وڃي جيئن ديوي خوش ٿئي راجا کي سنتان جي آسيس ڏئي. بالڪ کي خوب سجايو ۽ سينگاريو ويو. گلن جي ورکا ٿي. واس ڌوپ ٿيا. منتر پڙهيا ويا.

ٻليدان جي گهڙي به اچي پهتي. راجا بالڪ کان پنهنجي آخري خواهش لاءِ پڇيو. بالڪ ڪنهن به قسم جي تمنا نه ڏيکاري تڏهن به راجا کي تسلي نه ٿي تڏهن بالڪ چيو "مونکي هڪ مٽيءَ جو ٿالهه گهرائي ڏيو."

مٽيءَ جو ٿالهه گهرايو ويو. ڇوڪري ٽُپا ڪيو جو مٽيءَ جون چار ڍيڳيون ڪيائين ۽ پوءِ هڪ ٻئي پير سان لت هڻي اُڏائي ڇڏيو اهڙي طرح ٻي ۽ ٽين کي به ائين ڪيائين. باقي هڪ رکي ڇڏيائين.

راجا اهو ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ۽ بالڪ جي ائين ڪرڻ جو ڪارڻ پڇيو. تنهن تي بالڪ چيو "راجن پهرين ڍيڳيءَ کي لت هڻي مون پنهنجي پيءُ جي منهن ۾ ڌوڙ وڌي جنهن پئسن جي موهه ۾ اچي مون تان هٿ ڪنيو. ٻيءَ ڍيڳيءَ کي لت هڻي ماءُ جي منهن ۾ ڌوڙ وڌم جنهن پنهنجي ممتا تي پٿر رکي مونکي صدقي جي ٻڪري بڻايو ۽ ٽين ڍيڳيءَ کي لت هڻي اوهان جي منهن ۾ وڌم جو پنهنجي سنتان جي لوڀ

جي همت لهي ٿي اڳو نه ته موت ۽ جي وڃي ٿي رهيو
نه ته موت . گرميءَ جي موسم هئي . ورڻ تي مٿان ماکيءَ
جو ماڻارو لڳل هو جنهن مان ماکيءَ جو ڦڙو ڦڙو ٽپي ڪرڻ
لڳو ۽ بادشاهه ماکيءَ کي چٽڻ لڳو . هو ان جي سواد ۾
اهڙو ته مست ٿي ويو جو نڪو شينهن جو خوف رهيس ،
نه اجگر جو ۽ نڪي کوهه جو !

مطلب ته بادشاهه اسين آهيون . شينهن آهي جهڙو وقت
جو هميشه اسان کي لڪي رهيو آهي . اسين سوداگر
آهيون ۽ سواسن جي پونجي کڻي هن سنسار ۾ آيا آهيون .
هي وجود ڪرائي جو مڪان آهي ۽ سيني کي هڪ
ڏينهن خالي ڪرڻو آهي . موت جا فرشتا منٽ منٽ ۾
پيا ڳڻين ته هن جا هيترا ڏينهن ، هيتريون گهڙيون ۽ هيترا
منٽ باقي رهيل آهن . اڇو ۽ ڪارو ڪوئو آهي
ڏينهن ۽ رات جيڪي اسان جي زندگيءَ جي تار کي
پيا ڪترن . جيڪا ول هٿان وئي سا واپس هٿ
ايندي . باقي رهيو اجگر سو آهي چکيا يا قبر جا
ر وقت منهن کولي انهيءَ آخري گهڙيءَ جي انتظار
آهي ته هي ڪري ته مان هڙڪي ڳڙڪائي وڃان . جيئن
هڪ چوڻي آهي .

”فريدا ڳور لطائي سڏ ڪري نگهر نا گهر آءِ .
سر پير مچي آوڻا مرڻون نه ڏرنا .“

اڇو ۽ ڪارو ڪوئو

مان هڪ مثال ذريعي سمجهايان ٿي ته اسين ج
کهڙا نه مورک ۽ غافل آهيون. ٻڌو! هڪ آڪاڻي آهي
هڪ بادشاهه هوندو هو. اهو هڪ دفعي شڪ
ڪرڻ جي لاءِ جهنگل ۾ ويو. جيئن هي جهنگل ۾ پهتو ڇا
ڏسي ته هڪ شينهن سامهون مقابلي لاءِ پيو اچي. بادشا
ڊڄڻ لڳو ۽ هڪ وڻ جي ڏار تي چڙهي ويهي ر
بادشاهه ڪجهه دير ڪان پوءِ ڏٺو ته اهو ساڳيو شينهن اڃان
بيٺو هو. راجا دپ وچان سوچڻ لڳو ته ڏسان جنهن ڏار
ويٺو آهيان اها مضبوط آهي يا نه؟ ڇا ڏسي ته ٻه ڪو
هڪ اڇو ۽ ٻيو ڪارو اُن کي ڪتري رهيا هئا. راجا ته
گهڻو گهبرائجي ويو. سوچڻ لڳو ته آخر اهي ڪوئا و
کي ڪتري هيٺ ڪرائيندا. وري هيٺ نظر ڦيرايائين
هيٺ زمين ڪچي يا پڪي ۽ ڪو کڏو ڪيو ته ڪونهي
جڏهن جاچي ڏٺائين ته هڪ اجگر پنهنجو منهن ڦاڙي انه
انتظار ۾ ويٺو آهي ته ڪري ته مان کائنس. بادشاهه ڏاڍ
حيران ٿيو ڇاڪاڻ ته سندس بچڻ جو ڪو طريقو نه

آلس جو خراب نتيجو

برسات جي موسم هئي. رات جو اٽڪل ١٠ بجي
جو وقت هو. انڌاري ۾ هڪ چور چوري ڪرڻ نڪتو.
هو گهڻن ئي گهرن ۾ ويو. پر نراش ٿي واپس موٽيو.
ڪاڻ ته اڃا ماڻهو سمهيا ڪين هئا. آخر چور هڪ
ڙ ۾ ويو جنهن گهر ۾ هڪ ٻڍي مائي رهندي هئي ٻڍي
ا سمهي ڪو نه هئي. رڳو اُن جي ڪمري ۾ هڪ ننڍو
ئو ٻرندو نظر آيو ۽ ٻين سڀني ڪمرن ۾ اونده هئي.
ي روٽي کائي رهي هئي. جڏهن چور ٻڍيءَ جي
مري ۾ پهتو ته دروازي ڪلڻ جو کڙڪو آيو. ٻڍيءَ
س جي ڪري دروازو بند ڪو نه ڪيو هو ۽ جڏهن
وازو ڪلڻ جو کڙڪو ٻڌائين ته هن سوچيو ته اهو وهم
ويو هوندو.

جڏهن چور مٿي پهتو ته چور ڏٺو ته اجها ٻڍي
ي پيئي ٿوري دير کان پوءِ ٻڍي روٽي جو ڪم
و ڪري ۽ روٽي کائي ڏيئو وسائي ليٽي پيئي.

قبر ڇوي ٿي ته انسان آخر ٽوڪي مون وقت ڪي اڄ
آهي. پوءِ موت کان ڇو ٿو ڊڄين؟ اسين جيڪو مايا جي
نشي ۾ اهڙا مست ٿي ويا آهيون جو هيڏين خوفناڪ
مصيبتن جي گهيري ۾ هوندي به اچيت ۽ غافل رهون
ٿا. ڀائي ائين پيا چئون ته

”ايهه جڳ مٺا، اڳلا ڪن ڏٺا.“

مينا راواڻي

(ڍهون بسي

... هڪ ناسڙ زور سان ڪيرائيو. ٻئي ناسڙ جي ڪرڻ
... آواز ٿيو هن سوچيو ته شايد ناسڙ ٻئي ڪيرايو
... ڇو ته اهو ڏاڍو ته اجا ٻئي ڪوڙ آلي آهي ته
... ڇوڪرن مان ڪٿي نڪتو ڪونه ۽ وڃي ٻيهڙي ڪيو
... هو.

... سڄو لنبڊي ٻئي جاءِ. جڏهن هن اهو ڏٺو ته
... سڀ سامان چوري ٿي ويو آهي ته هوءَ ڏاڍو
... لڳي. جڏهن هڪڙي رات جون ڳالهيون ياد آيون
... سوچيو ته اهو آلس ڪري ٿيو آهي ۽ هوءَ زور
... روئڻ لڳي پر هاڻي ڇا ٿيڻ جو هو.

... جيئن هڪ چوڻي آهي:-

"... ڄڻ ڪٿي ڪيت، تو پڇتائي ڪا هوت"

... نصيحت:-

... هن مان اها ئي سکيا ملي ته اسان کي ڪم جي ته آلس
... ڪريون. آلس جو نتيجو هميشه خراب نڪرندو آهي.

الڪشمي سي ايڇ.
(ڏهون ٻي)

ليٽندي ٿي ٻڍيءَ آلس جي ڪري پنهنجي گهر
دروازا بند ڪونه ڪيا ۽ سمهي پيئي. ٿوري
کان پوءِ ٻڍيءَ کي جلدي ننڊ اچي وئي. چور ٻ
کي سمهندو ڏٺو. چور ڏاڍو دلير هو. هن ٻڍيءَ
ڪمري جي ٻاهر بيهي چوڻ لڳو - "ٻڍي تنهنجي
۾ چور گهسي آيا آهن. جلدي گوڙ ڪري چورن
پڪڙائي ڇڏ." اوڏي مهل ٻڍيءَ کي ننڊ اچي
هٿي چور جو اکر نه ٻڌائين پر هن سڀ سمجهي
ڌيان ڪونه ڏنو.

چور ڏٺو نه اڃا ٻڍي جاڳي ڪونه آهي ۽ هو ٻ
جي پرسان واري ڪمري ۾ ويو ۽ اتان چوري ڪ
ڏٺائين ته ٻڍيءَ ان ڳالهه جو ڪو ڌيان ڪونه ڏ
چور اُن ڪمري ۾ ويو جتي ٻڍي سمهي پيئي ه
چور هن جي منهن تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هنيا ۽ ساڳي
چيائين ته ٻڍي تنهنجي گهر ۾ چوري ٿي رهي
چور تنهنجي گهر ۾ اڃا موجود آهي، جلد گوڙ ڪ
هنکي پڪڙائي ڇڏ. چور سوچيو ته ٻڍي اڃا ڪونه
آهي. ٻڍيءَ جڏهن منهن تي پاڻي ڏٺو ته هن س
نه برسات جون بوندون هونديون ۽ چور جو ڳالهه
هن سوچيو ته سپنو هوندو.

ٿوري دير کان پوءِ چور ٻڍيءَ جو سڀ سامان
ٻڌي ڇڏيو ۽ ورتي چور ٻڍيءَ کي جاڳائڻ لاءِ

ڏنو. مهاتما انهيءَ ڏولي ھڻن جي پرارٿنا قبول ڪئي ۽
کين چيو ته شاهوڪار! تون هڪڙو ڪم ڪر ته توکي
پٽ ڄمندو. تنهنجي محل پرسان جيڪو تنهنجو واڙو
آهي. جنهن ۾ سوين گهوڙا گڏھ ڳانيون مينهون ۽ ٻيا
جانور آهن تون انهيءَ کي هڪ ڏينهن واڙي سميت جلائي
ڇڏ. اها ٻل چاڙهه ته توکي اولاد ٿيندو. اهو ٻڌي هو
ٻئي ڄڻا اُٿي ڪڙا ٿيا ۽ مهراج کي چيائون ته مهراج!
اسانکي اهڙو اولاد ئي ڪونه گهرجي. وري ٻئي سال
شاهوڪار ليرئن لئي ويو ته کيس وري به مهراج وٽان
اهڙو جواب مليو. آخر هڪ رات شاهوڪار رات جو
ٻارهين ٻجي چپ چاپ ۾ واڙي کي وڃي باھ ڏني.
واڙي ۾ جيڪي سوين جانور هئا سي ڪيڪرات
ڪندي سڙي ڀسم ٿي ويا. ڏهن مهنن کا پوءِ شاهوڪار
کي پٽ ڄائو. وڏا وڏا جشن ڪيائون، خوشيون ڪيائون
وري کين ٻيو پٽ ڄائو. آخر چار پٽ ۽ ٻه نياڻيون
شاهوڪار کي ڄاوا. شاهوڪار ۽ سندس ڌرمپتني
مهراج جون ڳالهيون ڀلجي ويا. ٽن پٽن جي شادي ڪيائون
نياڻيون به پرڻجي ويون آخر چوٿين پٽ جي شاديءَ تي
وڏا جشن ڪيائون. زال مڙس ٻئي ٻڍا ٿي ويا. آخرين
شاديءَ تي مٽ مائٽ دوست يار سنگتي ساٿي سڀ وني
گهرايائون. سارو محل ماڻهن سان ڀرجي ويو. شاديءَ

ڪرمن جو ڦل

اڄڪلهه جا گرو مرشد عام جنتا کي گمراهه ڪري رهـ
آهن ته اسان جي پوڄا ڪريو ته توهان جا سڀ پا
ناس ٿي ويندا ۽ توهان لاءِ سڌو سرڳ جا دروازا هڪد
کُليا ويندا، ليڪن اهو ڇوڙ غلط آهي ڇاڪاڻ ته
انسان جهڙي ڀوڳ ڀوڳيندو جهڙو ڪرم ڪندو اُنک
اهڙو ئي ڦل ملندو. جيئن ته چيو ويندو آهي ته هر ڪ
ڪري پنهنجي ڦاهيءَ ٽنگبو آهي. اي انسان هزار
ٽڪاٽا مندر مڙهيون ڦرين ۽ گرو ڪرين پر توکي ڪي
ڪرمن جو ڦل اوس ملندو.

هڪڙو شاهوڪار هو تنهنکي اولاد ڪونه ٿيند
هو. هو سال به سال تيرٿن تي ويندو هو. هڪ سا
پتنيءَ سميت پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهي ويو ته ڏٺائو
ته هڪ مهاتما ويٺو آهي. شاهوڪار ۽ سندس ڌرمپتن
ٻئي مهاتما جي پيرن تي ڪري پيا ۽ کيس عرض ڪيائو
ته اسانکي سنتان ڪاڻ ٿي ڪرپا ڪري ورد

شاه لطيف

شاه عبداللطيف جنهن کي صدق وچان "ڀٽائي گهوٽ"
سڏيندا آهن. سندس والد جو نالو شاه حبيب هو. جو
يد گهراڻي مان هو. شاه صاحب حيدرآباد ضلع جي
الا تعلقي جي هالا حويلي ڳوٺ ۾ ١٩٨٩ع ۾ ڄائو هو.
٦٣ ورهين جي ڄمار ۾ راه رباني وٺي ويو.

شاه وڏو درويش، روحاني رهبر ۽ اعليٰ درجي
شاعر ٿي گذريو آهي. شاه صاحب آهي "شاعري ۽
سمنڊ" ۽ باقي ٻيا آهن نديون ۽ ڍنڍون مثل. سندس
پيشاني ڪشادي هئي. سندس اکيون مشال جيان
ن ٻرنديون هيون. سادي پوشاڪ ۽ سادو کاڌو
يدو هو.

"شعر آهي شاه جي خود زندگي اسرار آه،
شاعري پوشاڪ ۾ پيغمبري اظهار آه،"

شاه نهايت پاڪدامن ۽ پرهيزگار شخص هو. هر قسم
عيش لوڙي نشي کان ٻري هو. راڳ ته شاه جي جان
جيابو هو. ڏهاڙي شام جو سازن تي صوفي ڪلام

جا لاڏا ڳانا ٻجانا رات جو ٻارهين بجي ٿائين هليا. سار
محل ۾ جيڪي چار پنج سؤ ماڻهو هئا، سي سيٺ
وچي بستري ۾ آرمي ٿيا. اوچتو محل کي اچي با
لڳي ۽ سارو محل جلي ڀسم ٿي ويو. شاهوڪار هد
دريءَ کان ٽپو ڏنو ته هڏ گڏ ڀڄي پيس. اسپتال دا
ٿيو. آخر ڏهن سڏي شاهوڪار جي اکيان سارو نڪ
اکين آڏو ڦرندو رهيو. هاء هاء ڪندو هن سنسار م
روانو ٿي ويو. اهو آهي ڪيل ڪرمن جو ڦل.

نرملا جو گسنگهه

(ڏهون بي

هڪ هنڌ مارئيءَ جي زبان مان چيو اٿس ته:-

"ور سي ڪارا ڪوهه، سند جي سانڍيهه جا"

جي هنڌ وطن جي سڪ ۾ مارئي ذار ذار روئي ٿي

وي ته:-

"پاسا پاليڙن ۾، ٻانهون سر ٻيٽي.

اکيون نڪ ارلاج ري، نمائم نيٽي."

اه قيامت ۽ رحما لي راضپي جو ڪهڙو نه عجيب

ارو ڏنو آهي:-

"توري ٿوت قرار ٿا، رهن سپرست،

پهنوارن جي پت، پيهي لاج عليم ۾."

ير جڏهن هو سرائو ڪي آلم روپ يا ٻرهم روپ ٿو

جهي لڌهن دکن جو انت ٿو اچي. انهيءَ مثال ڪي

ٿيءَ جي مثال دوارا ظاهر ڪري ٿو.

پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،

ته نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نه ڪا ڪيچين ڪاڻ

پنهون ٿيس پاڻ سسئي ٿان سور هئا."

شاه جي ڪوتتا جو مکيه گڻ آهي انکي ورنن

رڻ ۾. هن گهڻو ڪري وچوڙي جون ڪوتائون

ن آهن. موسل راڻي جو انتظار ڪري رهي آهي.

ٻڌندو هو. شاهه ٻه راڳ هلندي ڏنائين. چوندو هو
"منهنجي دل ۾ الاهي محبت جو هڪ ون
جو راڳ بنا سڪيو ٿو وڃي."
شاهه جا ناٽڪ ۽ ناٽڪائون تمام سادا هوندا
آهي پر ۽ سادگي جون مورتيون هيون. ليڪن
جون آهي سڀ ڳالهيون هڪ ئي سٽ ۾ پورل آهن

"ساهڙ سان سهڻي، ساهر پڻ سوئي،
آئي نجوئي ڳجهه ڳجهاندر: ڳالهڙي."

ڪڏهن ڪڏهن ته ڏسڻهن جا ڏسڻهن راڳ ۽ سر
صرف ٿسي وڃدا هئس. بعضي ته اکين مان لڙ
وهندا هئس. شاهه جي شخصيت ڪي ڏار ڏار روپ
شاهه سيلاني هو ته قدرت جو مصور به هو. هو
وطن هوت غريبن جو غمگسار به هو.

سهڻي ۽ ساگر، ساگر ۽ ميهار سڀ هڪ ئي
شاهه پنهنجي ڪهاڻين دواران اسان کي وحدت جو
ٿو ٻڌائي ته:-

"سو هي، سو هو، سو آجل سو الاه.
سو پرين سو پساه، سو ويري سو واهرو."

شاهه کي پيارا هئا ته ميهار ۽ مهاڻا، ڪرار ۽
جن کي پنهنجي شعر ۾ جاءِ ڏئي ممتاز ڪيو ائس

ڪهاڻي

هڪڙو ڌرماتما راجا هوندو هو. تنهن پنهنجي شهر
جي ٻاهران هڪ عاليشان مندر ٺهرايو ۽ ناڳن جي
پوڄا ۽ سيوا جي لاءِ پوڄاري رکيائين. پوڄاري هر روز
پريم سان ناڳن کي سنان وغيره ڪرائي سيوا ڪندو
هو. راجا جو اهو نيم هو ته هو هر روز صبح جو سنان
ڪري هڪ تمام سٺي خوشبودار مالا ڪٺي ايندو هو ۽
ناڳن کي اچي پائيندو هو. راجا پوڄاريءَ کي چئي
ڇڏيو هو ته اها مالا جيڪا مان صبح جو پائي وڃان ٿو
اها مالا منهنجو ماڻهو هر روز شام جو وٺي ايندو. انکي
[illegible]جاءِ اهو منهنجي لاءِ ناڳن جي پرشاد برابر ٿيندو.
[illegible] انوسار هر روز شام جو راجا جو ماڻهو ايندو هو ۽
مالا ڪٺي هليو ويندو هو. اها مالا رات جو راجا پائي
سمهندو هو.

اهڙي سندر مالا ڏسي پوڄاريءَ جي هر روز ان
[illegible] پائڻ لي دل ٿيندي هئي پر راجا جي ڀپ کان هر
[illegible] دل کي ترسائيندو آهو. پر هڪ ڏينهن انجي تمام
[illegible]ٽي خواهش ان مالا کي پائڻ لاءِ ٿي سو ان ڏينهن
ناڳن جي سيوا ڪري جڏهن بس ڪيائين تڏهن اها

شاهه جي هنن لفظن ۾.

”شمع ٻاريندي شب، پره ڀاڪرون ڪيئون
سوٽ سران ٿسي ميندرا، راٽا ڪارڻ رب
تنهنجي ٽات طلب، ڪانگ اُڏائيم ڪاڪ جا“

شاهه سنڌين جي دلين جو ترجمان هو. سنڌ
منو سنڌيڊو ۽ سڪ سوز جو خزانو آهي. راڳ ته شاهه
جيان جو جياپو هو ۽ راڳ ڳائيندي دم ڏنائين. شا
شعر ۾ اهو ٻحر آهي جنان هر طالب پنهنجي لائق
جاڻ آهر ماڻڪ موتي پائي سگهي ٿو.

”سي پوڄارا پر ٿيا، سمنڊ سيوهو جن،
آنداٿون عميق مان جوڙيي جواهرن،
لڌاٿون لطيف چوي لعلون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن ملهه مهانگو ان جو.“

جسو دا ڀو ڄوا

ناڪن کي ٻه ڏاڙهي ٿي سگهي ٿي. هاڻي جڏهن صبح جو راجا ايندو ته مان ان کي ڪهڙو جواب ڏيندس. ان ڏپ ۾ اُن رات جو پوڄاريءَ نه ڪجهه کاڌو ۽ نه پيتو ايندي شوق مندر ۾ ناڪن اڳيان اوندو ليٽي ڪري پيو ۽ زار-زار روئڻ لڳو ۽ ڀڳوان کي ٻاڏائڻ لڳو ته، "اي ايشور منهنجي لڄ پت رک، صبح جو راجا پڪ مونکي ڪڙي سزا ڏيندو، اي دينن جا دئال منهنجي رکيا ڪيو."

اهڙي طرح راجا جي ڏپ وچان پوڄاريءَ جي سڄي رات ناڪن اڳيان روئندي ئي گذري. ڀڳوان کي پنهنجي پياري سيوڪ تي قياس پيو ۽ ۴ بجي صبح جو آواز آيو ته، "اي پوڄاري ڪنڌ نه متي ڪر، مون ڏي ته نهار." پر پوڄاري ته روئڻ ۽ وينتي ڪرڻ ۾ ائين پورو هو سو هن آواز ٻڌو ئي ڪين. وري ٿوري دير بعد ٻيهر ساڳيو آواز ٿيو. تڏهن پوڄاري ڏجي ڏجي ڪنڌ متي ڪيو ۽ ناڪن ڏي نهارڻ لڳو ته ڇا ڏسي ته ناڪن کي اچي ڏاڙهي جائي پيئي آهي. هن سوچيو ته، "ڇا مان ڪي سپنو ته ڪونه ڏسي رهيو آهيان؟" ڇا اهو سچ آهي؟ وري اکيون مهٽي ناڪن ڏانهن نهاريائين برابر اچي ڏاڙهي هئي. پوڄاري ڀڳوان جي ڪرپا تي گد گد ٿي پيو. پوڄاري اُٿيو ۽ سنان ڪري ڪري ڏاڍي پريم سان ناڪن جي پوڄا ڪيائين.

مالا لاهي پنهنجي ڳلي ۾ پاتائين. اڃا پنج منٽ مس
ٿيس ته دروازي تي آواز ٿيو ته، ”پوڄاري مالا ڏي
پوڄاري ڊڄي ويو ۽ ٽڪڙ پڪڙ ۾ اُها مالا ڳلي
لاهي پوڄاريءَ ان ماڻهوءَ کي ڏني. اهو پوڄاري و
عمر جو هو ۽ هن جي ڏاڙهي وڏي ۽ اڇي هئي
ڏاڙهيءَ جو وار جلد بازيءَ ۾ ان مالا ۾ اٽڪي
پوڄاري اهو ڪونه ڏٺو. جڏهن رات جو راجا مالا پائڻ
ته ان هار ۾ هڪ اڇو وار ڏٺائين راجا دل ۾ و
ڪيو ته ممڪن اِها مالا هر روز پوڄاري ڀڳوان پاڻ
پوءِ ٿو مونکي جوٺو پرشاد ڪري موڪلي.

اِهو ويچار ڪندي راجا پنهنجي هڪ ماڻهوءَ
پوڄاريءَ کي وٺي اچڻ لاءِ موڪليو. پوڄاري ان
سان ڏڪندو آيو. رستي ۾ ويچار ڪرڻ لڳو ته
راجا جي ماڻهوءَ مونکي هار پائيندي يا لاهيندي
هو ۽ ان وڃي راجا کي ٻڌايو آهي.

جڏهن پوڄاري راجا جي سامهون آيو ته راجا
۾ اچي پوڄاريءَ کي چيو ته، ”ڇا پوڄاري ٺاڪر
ڏاڙهي جائي آهي؟“ پوڄاري ڊپ جي ڪري
۾ چئي ڏنو، ”ها سائين.“ ”راجا چيو ٺيڪ آهي
صبح جو ايندس.“

پوڄاري جڏهن محل کان ٻاهر آيو ته رستي ۾
ڪرڻ لڳو ته هي مان ڇا چئي ڏنو؟ ڪڏهن منيءَ

سوامي ٻوڌ راج

"ھوند ۾ ھو پرتپالڪ ساڪار ٻڌجي آھي،
دُکين دکين جي دل جو دلدار ٻڌجي آھي،
رهبر جي ٿي ضرورت جيون کي جڏهن آزخود،
ترلوڪي ناٿ تڏهن اوتار ڌاري آهي."

سوامي ٻوڌراج جن جي مالا اڳيان ۾ سوچيو ته اسانجي
ر ۾ ڪو ساڌارڻ ٻالڪ نه پر هونهار ٻالڪ پيدا ٿيو
ي ڇو جو:-

"سپيءَ سينڌي مان نڪتو، سراسر هي سچو گوهر
نه تارو نه نکشتر هو مگر چوڏس جو هو چندر."

جيئن پورڻماسيءَ جي چندرما نڪرڻ ٿي هر هنڌ
ڪي ۽ وڌندڙ تڏڪار ڇانئجي ويندي آهي تيئن
شڌ ۽ نشپاپ ٻالڪ جي اچڻ ٿي سڀني ۾ سرهائي
جي وئي.

"جيڏي جڏي ۾ هر جن جي پيا ڏاڏا پيا سور،
ٿا، تو رهي برهمچارٽي نا گنوائي نور."

ميءَ ڇوٽي اوسار سوامي جن جي مالا وڏ پاڻڻ
ي لئي جڏهن هڙئي هريءَ جي پياري ۽ ٻين جي

اهڙي ۾ راجا آيو ۽ چيائين پوڄاري ناڪر جي ڏاڙ
ڏيکار. پوڄاري راجا کي ناڪر اڳيان وٺي ويو. اهو ڏ
راجا دل ۾ چيو ته پوڄاري ڪيترو نه چالاڪ آ
جنهن سڄي رات ويهي کهڙي نه سٺي نموني سان
وار ڪٽي ڪونڊر سان ناڪرن تي چمبڙايا آهن. پر م
ته اهڙو بيوقوف ڪونه آهيان جو ان تي وشوا
ڪيان. راجا ناڪر جي ويجهو آيو ۽ ناڪر جي ڏاڙ
جو هڪ وار ڇڪيو ته ان مان رت نڪتو ۽ نا
جو ڪنڌ به لڏيو. ان وقت آواز آيو ته "اي راجا
ڀڳوان جو اپمان ڪيو آهي ان ڪري هڪدم ٻ
نڪري وڃ نه ته اندو ٿي ويندين." راجا اهي لف
ٻڌندي ئي هڪدم ٻاهر نڪري آيو. راجا عجب
پئجي ويو ته هي ڇا ٿيو؟ پوءِ راجا پوڄاريءَ ۽ ناڪ
کان معافي ورتي.

ان ڏينهن کان پوءِ راجا جيڪڏهن مندر ۾ ايند
به هو ته در تي ٻاهران بيهي نمسڪار ڪري ه
ويندو هو.

اهڙي ريت ڀڳوان پنهنجي سچي ڀڳتن جي ش
تي خوش ٿي ڪري ڏکئي وقت ۾ انهن جو مدد گ
ٿيندو آهي.

گوداوري سنتداسا

(ٻارهون ن

چڱ اکيون پنهنجون وڃائي ٿرش جيئن،
دوست دشمن جي ائين ڪر آجيان.
”جيئن نه ٻن آب چشمو ٿو ٺمڪي ڪڏهن،
نه ٻن لاٽ سورج ٿو چمڪي ڪڏهن“

ليڪن ٻن گلن جي به ڪنهنجو نالو روشن نٿو ٿئي
هن وڏڙن کي نصيحت آميز رنگ سان سکيا ڏني ۽
هردل عزيز بڻيا. وڏڙن جي چرڙن لاءِ خاص ڌيان
ڏيندا هئا چوڻ مهاپرشن جو وچن چڱي طرح ياد هوندو:-
”ڌن ويو ته ڪجهه نه ويو، تندرستي وئي ته ڪجهه
ڪجهه ويو، پر جي چرڙ هيڻو ٿيو ته سڀ ڪجهه نشٽ
ٿيو.“

انڪري پنهنجي مضمون شعرن اُپديشن ۽ پنهنجي
هٺيءَ دوارا اوچ چرڙوان بڻجڻ جو آدرش آسان
ٻيان رکيو.

سنڌس هر هڪ شبد ۾ گهرو رهسيه ڀريل آهي.
سنڌس پستڪ ”آنڊر جو آلاپ“ جنهن ۾ سنڌر ڀڄن ۽
لوڪ وغيره ڏنل آهن ان کان سواءِ گيان مالا، سچو
تي، آلم اُمرت، مانڪ ورت مالا، شري سار ڪتاولي
وڃائي گلدستو وغيره پڙهڻ سان آتمڪ گيان پرائي
واڪ مانش جنم سڦلو بڻائي سگهجي ٿو. سنڌن ٻيتن
، دنيا، دل دريا، پڙهڻ سان من کي موج ۽ دل
آنند پيو اچي. سنڌن ٻولي مٺي سنڌر ۽ رواني

پلي لاءِ ڌرتي آسمان کي هڪ ڪندڙ سڀاڳ کي
ڏنو. سوامي ٻوڌراج جو اصل نالو هو شري پو
لوڪومل واڌواڻي. سندس جنم ٩ فيبروري ٩٧
ڪوئٽا ۾ ٿيو هو. هي پيدائشي مت جو هو. گر
۾ رهندي به ٿياڳ ۽ ڌرم جي مورتي هو.

"شمع اوندهي ڪجي ته ٻا، سڌي ڪجي ته ٻا
حالتن ۾ سندس لاٽ مٿي رهي ٿي. ڌرم وان جو
به شمع جي لاٽ وانگر سدائين مٿي ڪندو رهي
هي صاحب هميشه چوندو هو ته:—
ماڻ پوساڳر جي لاهين چاڙهين روپي لهرن جو
ڇو ڪريان؟ ڌرم جي جهاز تي سوار آهيان، پو
جي دک ڇا ڇيو؟ سوامي جن هڪ اعليٰ ڏ
جا سنت ۽ اوچ ڇرڙو وان استاد هئا.

"دنيا ۾ چمڪ سڀ ڪان آهه سرسو سوجهرو دل
خزانو خاص سنتن جو آهي هڪ حوصلو دل ج
سوامي جن سنا ساهنه ڪار به هئا. هنن نثر
نظم ٻنهي ۾ گهڻوئي ڪجهه لکيو. جڏهن حيدرآبا
سڪول ۾ ماستر هئا تڏهن ٻنا ڪنهن سزا ڏيڻ
پريم سان ودبارٿين کي سکيا ڏني ٿا ڪاڻ ته هنن
هڪ شلوڪ ۾ به چيو آهي ته:—

پريم سان ڪر خلق جي دل ٻوڌ خوش،
لو مٿان مفتون ٿئي سارو جهان.

ساهتيڪارن سنڌس شعر جي واڌيءَ کي هاڻي به خوب سمجهيو آهي جنهنجي ڪري سوامي ڀوڄراج صاحب کي ساهتيڪارن جي قطار ۾ سٺو درجو حاصل ٿيو آهي. اُميد ته پاڻ سنڌس شاعري چشمي مان ذات وٽي پنهنجو جيون سڦلو بڻائيندا.

هرديوي چتواڻي
(فسٽ ايئر ٽي ڊي سي)

واري آهي سوامي جن اُسان کي دل درياءَ وانگر
لاءِ چيو آهي ته:-

گند پوي ٿا گل ڦل منجهس، سو نه ڏٺي ميرو
درياءُ جيئن ڌُئي نار سيڻي کي ڌُئي دُئي جي سيڻي

پلي اُسانجي ڳالهه ٿئي، لوڙي ساراهـ لڌ هـ
اُسانکي ساڳيو رهڻ گهرجي. درياهه وانگر سينڌي ک
ڌجي. سوامي جن اهو به چيو آهي ته:-

عيب اکين ۾ آهه نه ڪنهنجو، ڪلپ نه ڪنهن ۾ ڪو به ڪ

"تيءَ ۾ ڪڻ ٿئي جو ته ٻڪجي پڙدو ڪنهنجو پڻ
ٿئي ڪي آزارڻ مان تني دل پنهنجي خود آزار
رات وانگر رکجي سيني جو سدا پڙدو ۾ د
عيب ٿئي جو سمجهي پنهنجو، صبر ڌارج ڌار جي

هن جي سنڌي ساهتيه پڙهڻ ۽ مَنن ڪرڻ
"هي لوڪ سکي ۽ پرلوڪ سهيلو" ڪري سگهجي
انطرح سنڌي ساهتيه ۾ لاثاني ڪم ڪري پنهنجو
اَمر بڻائي ٢ آڪٽوبر ١٩٤٤ع ۾ هن فاني دنيا مان
ڪري امر لوڪ ڏانهن پڌاريا.

ماتا گنگا جي مثل پوتر سچند ۽ صاف ها
پاپين جي پاپ جا سنگهار سوامي ٻوڌراج
سڀ کي سورج جيان ڏناتون سو جهرو سک ٿي سد
پرليپت جي دوش کان هٽا ڌار سوامي ٻوڌراج

بيروزگاريءَ جو شڪار ٿيا آهن.

اڻپڙهيل ماڻهو نه ڪنهن به نموني ڪجهه ڪمائي سگها مزوري ڪري پنهنجو روزگار حاصل ڪري سگهي ٿو پر پڙهيل ماڻهوءَ جي بري حالت آهي. ڪيترا پڙهيل ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ تيار آهن. هاڻي آزادي برابر ملي آهي پر غريبيءَ ۽ بيروزگاري ڪري اسين ڏکي آهيون.

پهرين ڀارت ۾ بيروزگاري نه هئي پر اُها وڌندي وڌندي هاڻوڪي حالت ۾ پهتي آهي.

پڙهيل ماڻهن جي بيڪاريءَ جو ڪارڻ انهن کي پوري تعليم جو نه ملڻ آهي. افسوس جي ڳالهه آهي ته ڪيترن نه گهر جا وڏا ٻارن کي پڙهائين ٿا ۽ ان پڙهائيءَ تي ڪيترو نه خرچ ڪن ٿا پر ڏٺو ويو آهي ته هو بيڪار رهن ٿا ۽ پوءِ به انهن کي نوڪري نٿي ملي. هو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهن ۽ لائق آهن پر ڏٺو ويو آهي ته انهن کي ڪم نٿو ملي. اُهي ويچارا بيروزگار رهن ٿا ۽ سڄو ڏينهن پنهنجو ڏينهن بيڪار ڪن ٿا. انهيءَ حالت ۾ بيروزگاريءَ جو مسئلو وڌندو ٿو وڃي.

اسان کي نه رڳو انگريزي تعليم حاصل ڪرڻي آهي پر اسان کي اهڙي تعليم نه گهرجي جا رڳو سرڪار جو

ڀارت ۾ بيروزگاريءَ جو مسئلو

هن وقت ڀارت جي اڳيان جيڪي مکيه مسئلا
انهن مان بيروزگاريءَ جو مسئلو به هڪ آهي. ٻکيو
کهڙو پاپ نٿو ڪري هن کي اها سمجهه نٿي ر
ته موکي ڇا ڪرڻ کپي. سنڌيءَ ۾ هڪ چوڻي آ

"بک ٻچڙو ٽول داناهه ديوانا ڪري"

اها ئي حالت هن وقت ڀارت جي آهي. ڏ
راشٽر لاءِ بيڪاري نقصانڪار ثابت ٿي سگهي ٿ
هن وقت ڀارت ۾ چوڌاري چوري، ڦرمار ڌ
قتل جون دردناڪ خبرون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. ما
مان خوشي موڪلائي وئي آهي. اڄ بيروزگ
ڀيانڪ مهن ڌارڻ ڪري بيٺي آهي. اڄ سن
آدمشماري وڌي رهي آهي جنهن ڪري اُپادن ا
ٿي رهي ٿو پر ماڻهن جو انداز تمام گهٽو وڌندو و
ٿو. ان ڪري بيروزگاريءَ جو مسئلو ڦهلجي ٿو
ڪيترا ماڻهو اڻپڙهيل آهن.

مزور ۽ پڙهيل ٻنهي طبقن جا ماڻهو بيڪاريءَ

اڄ بيروزگاري هڪ اهڙو مرض آهي جو سڄي دنيا
۾ ڦهلجي ويو آهي ۽ ان مان پارٽ ڪڏهن نٿو ڇٽي
سگهي. عام ٻيءَ پنهنجن سکن جي پرواهه نه ڪري پنهن
جن ٻارن کي پاڙهين ٿا پر انهن ۾ اهو ئي مسئلو آهي.

اڄ اسانجي زندگي جنهن دؤر مان گذري رهي آهي
سو سياوڪ آهي نه اهو سڄي دنيا تي اثر پيو آهي.

اهڙيءَ طرح پارٽ ۾ انهيءَ مسئلي پڪو روپ ڌارڻ
ڪري ورتو آهي جنهن کي دور ڪرڻ لاءِ سرڪار اُپاوَ
ڪري پيئي. اهڙيءَ طرح پارٽ ۾ بيروزگاريءَ جو
مسئلو اڃا موجود آهي.

لڇمي چمنداس

چرخو هلائي ۽ نوڪريون پيدا ڪري. اڄ ڀارت جي لو
مان پڙهيل تو نه ڪيترا ئي ڀارتي ناگرڪ ڪين
وڏيون ڊگريون حاصل ڪري رهيا آهن پر سيني
نوڪري ملڻ ڏکي آهي.

اسان جي ڀارت جهڙي وشال ديش ۾ ڪيتريون
سهوليتون آهن پر تنهن هوندي به ڀارت بيڪاريءَ
مسئلي سان جڪڙيل آهي. اهو بيڪاريءَ جي م
جي بنيادن ۾ قاتل آهي.

ماءُ پيءُ پنهنجي ٻار کي وڏي پڙهويءَ ٿي پڙه
چاهين ٿا. اڄ ڏاڍي بيروزگاري گهڻن جا خانا خراب ڪ
ڇڏيا آهن. اڄ هن بيروزگاريءَ جي مسئلي سنڌي ج
کي جڳو ڌڪ هنيو آهي.

پراڻي زماني ۾ ڪيترائي سندر اديوگ هئا ۽
ڪيتريون سندر شيون ٺاهيندا هئا جيئن ڪپڙو ڳهرو
وغيره. انڪري انگريزن اهڙن گهرو اديوگن کي ناس ڪ
انهن ڪاريگر جا هٿ ڪپايا جنهن ڪري هنرن کي
لڳو ۽ بيروزگاريءَ جو مسئلو وڌي ويو.

اڄ ڪيترا ڇوڪرا بيروزگار آهن جنهن ڪري
پنهنجي زندگيءَ مان تنگ ٿي وڃن ٿا ۽ پنهنجي ڪ
جا ڏينهن ڏکن سان ڪاٽين ٿا ۽ پنهنجو پاڻ ڪي
ڪري ڇڏين ٿا. ڪيترا زهر کائي ۽ ڪيترا ٻڏي
ٿا ۽ ڪيترا پنهنجي آتم هتيا ڪري ڇڏين ٿا.

گٽپٽي اُٿي ويو ۽ هن کي هڪ سجايل ڪمري ۾
وهاريو ويو ۽ ان جي سامهون ٻين ديوتائن کي وهاريو
ويو. گٽپٽيءَ جي اڳيان وڏا ٿالهه سينگاري ڪٽي آيا پر
گٽپٽيءَ هڪدم پنهنجا ۽ ٻين ديوتائن جا ٿالهه صاف
ڪري کائي ڇڏيا ۽ چوڻ لڳو ته مونکي ايا به بک آهي.
ان لاءِ جيڪو به ڀوڄن تيار هو اهو هن اڳيان رکيو ويو،
تڏهن به هن جي بک نه مٽي ۽ ٻيو ڀوڄن تيار ڪرايو ويو.
هو سڀ گٽپٽيءَ کائي ڇڏيو. سڀ اچرج ۾ ويٺا هئا.
تڏهن ٽيون دفعو ڀوڄن تيار ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيو ويو
۽ گٽپٽيءَ کي غصو لڳو ۽ سڄي ڀنڊار گهر جو سامان
کائي ڇڏيو ۽ آخر ۾ ان جي محل ۾ ويٺو جيڪو به
کاڌي جو سامان هو اهو سڀ کاڌو. سڀ اچرج ۾ ٿي
ويا هئا. آخر ۾ گٽپٽيءَ ڪبيري کي چيو ته مونکي
ايا به بک آهي تڏهن ڪبيري چيو تو ته سڄو کاڌو
کائي ڇڏيو ۽ اسين ٻيو کي ڇا کارائينداسين؟ گٽپٽيءَ
کي غصو لڳو ۽ ڪبيري کي مارڻ لاءِ هن پٺيان ڊوڙيو.
آخر ۾ ڪبيري ڊوڙندو ڊوڙندو شو جي پيرن ۾ ڪري
۽ معافي وٺڻ لڳو پٺيان گٽپٽي به آيو. شو جي گٽپٽيءَ
کي پڇيو ته تون هن کي ڇو ٿو مارين؟ تڏهن گٽپٽيءَ
چيو ته مون کي هن پورو کاڌو نه ڏنو آهي. تڏهن
شو جي چيو ته تون گهر وڃي پنهنجي ماءُ کان کاڌو وٺي

ڪٻري ۽ ڳٽپٽي

ڪٻري نالي هڪ شخص تمام گهڻو ڏنوان
هو. هو تنهي لوڪن ۾ پهرين نمبر ڏنوان هو
سڀني ديو ديوتائن کي پوڄن ڪرائي انهن کي
دان ڏيئي خوش ڪندو هو. سڀ ماڻهو ڪٻريءَ
ساراهه ڪندا هئا.

هڪ ڏينهن ڪٻريءَ اهو سوچيو ته مان شوڄ
پوڄن ڪرائيندس ۽ اهڙو پوڄن تيار ڪرائيند
ڪنهن به اڄ ڏينهن تائين ڪاڏو نه هجي. هو
وقت ويو ۽ انڪي پرارٿنا ڪيائين ته اسان وقت
پوڄن ڪريو پر شوڄي نه آيو ۽ چيائين ته ما
ٿي ويو آهيان. ڪٻري چيس ته توهانجي اسٿ
پار هلن لڏهن شوڄي چيو ته هڪ ڏرمي پٽڪي پٽ
پنيان هلي ٿي ۽ پار مالا جي پنيان هلي سگهي
ڪري اسين هلي نه سگهنداسين. ڪٻريءَ ان جي
لي ڪري پيو. آخر ۾ شوڄي چيو ته توکي منهنجي
ڳٽپٽي کي وٺي وڃ.

گهڙي جي آتم ڪهاڻي

اي انسان! مان دلو آهيان. مان تنهنجي سک سهنج
جو ساٿي آهيان. جڳن کان تنهنجي خدمت ڪندو رهيو
آهيان ۽ اهڙي وقت ۾ به منهنجي سيوا جي توکي درڪار
رهندي. مون ۾ کير وجهو، گيهه وجهو، اناج وجهو،
داليون وجهو، مان توهانجو ڀنڊار ها پاڻ بو آهيان. اڄ
ڪلهه جي ٻوليءَ ۾ ڳالهايان ته مان توهانجو اسٽور روم
آهيان. هن سائنس جي زماني ۾ برابر توهانکي برفون ملن
ٿيون آئيس ڪريمون ملن ٿيون، اوهين ٿرماس ڪم آڻيو
۽ رفريجيٽر ڪم آڻيو ٿا. پر انهن سڀني شين کو توهانجو
و ڪونه ڪيو آهي. انهيءَ ڪري توهانجا پيٽ خراب
يا آهن هاضمو ڏهي پيو آهي اوهانکي روڳ وڪوڙهي ويا
آهن. سائنس جي هيترن سکن ۽ سڌارن هوندي به دوائن
ن وڌ ڪ مرض وڌي رهيا آهن هاڻي به جيڪڏهن
سان تون منهنجو صحت بخش ٿڌو پاڻي ڪم آڻين ته
ڙو نه چڱو! هاڻي به جيڪڏهن تون مون سادي
ڏي دلي جا ٽڪا پرکين ته ڪيڏي نه تنهنجي ڀلائي
ٿي

ڪاڻ . پوءِ ڪبري کي چيائين تہ تون هاڻي گهہ
تڏهن ڪبري چيو تہ مان اڄ ڪان وٺي گهمنڊ نہ ڪ
گهمنڊ اهڙو آهي جيڪو هڪ نہ
ڏينهن ڪيرائي ٿو .

نصيحت :-

ان مان اسانکي اها نصيحت ملي ٿي تہ گهہ
ڪرڻ کپي .

جنشري تلو

(ڏهون

درويش منيءَ جا ڪيڏا نه شوقين آهن.

اسان جي رأو ذات سائي ڪانه آهي پر اسين پيدائش جي ان لمبي سلسلي مان به سائٽي طرح نسي لنگهيا آهيون. جڏهن سڀ ابا ڏاڏا جو گرلو هو ۽ ڌرتي گرم پيدا ڪونه ٿيا هئا، تڏهن به اسين ٻئي هئاسين. پوءِ سڀ ٺرلو، گرم ٺرندا ۽ ٿڌا ٿيا. پوءِ منيءَ پنهنجو موجوده روپ ورتو. پر ان وقت به مان خاڪي خاڪ ۾ سٺو پيو هوس. منهنجو پانڌو ابا ڪونه ٻڌيو هو. جو نه موتکي ٻڌائيندڙ ڏون اُي ابا ڪونه سرجيو هئين. پوءِ ساوڪ آئي. تنهن کان پوءِ آيا جيت، ڪيڙا. پوءِ مڇيون. پوءِ ننڍڙا جانور جن وڏي باندر جي شڪل ڌارڻ ڪئي. باندر مان واڌارو ڪندي ڪندي ڏون ٻئين پنهنجي جهنگلي آدم اوستا مان جڏهن ڏون اهو نڪتين تڏهن تو موتکي ڏاهيو ۽ پنهنجي سڪ-ڀنڀ جي سامگري وڌائي.

اي انسان جيتو ٽيڪ توکي پنهنجو هيڏو لمبو اتهاس آهي. تڏهن به تنهنجي پيدائش اڃ به عيب جي پڙدي ندر لڪل آهي. اڃ به انسان اها پروڙي نٿي ڪونه گهيو آهي. رشي مني، اوليا، درويش، نبي انت، بي انت، ڇڏي بس ڪري ويا ۽ منهنجو حال به سائيو هي. برابر مون جهڙا هزارين، لکين دلا اوهين روز

ٿي پوي! پر ادا اڄ جڏهن تون ڳوٺان کي ٻه و
وٺو آهين تڏهن مونکي ڪٿي ياد ڪندين؟

ٻڌ هي ڇا مونکي ٻڌائي هٿي پنهنجي آتم ڪ
مونکي ونڊيو هو پنهنجو حال احوال. پر مان ته
ٻڌرن ۾ پيو آهيان. پنهنجي اپيوگيتا جا احوال
وٺو آهيان. مونکي ٻه تو وانگر پنهنجي ساراه
مرض وڙهي ويو آهي. مان ٻه ان پاٽپڻي ۽ م
جي مونجهاري ۾ ڦاسي پيو آهيان. ها ها! ذات
ٻنهي جي ساڳي آهي.

پر انسان عجب هنان ڪائين مان وري ٻه ڇوا
ته اسان جي ذات ساڳي آهي اسين ٻئي سؤت آ
نه نه نه! اسين ٻئي ڀائر آهيون. اسان جو ديش
ساڳيو. ساڳي ماتا جي هڏن ۽ مانس جي
آهيون. اسان جو ديس وطن ساڳيو! ذات م
ساڳيو. مٽي منهنجي ماءُ ۽ تون خاڪ جو
پنهنجي مغروريءَ جي مستيءَ ۾ تون ڪٽ
وساري ويو. پر اهو تنهنجو شرم ڪاڪي
آهي، جو تنهنجي مٽي پڇاڻان پنهنجو ا
روپ وڃي ويندو. ان حقيقت کي ڀل تون
جي ڪوشش ڪر پر تنهنجا نيڻ ٽا بار اُبهم ۽ ابو
اڄ به مٽيءَ لي مست آهن. اهي معصوم ۽ پو

سامي ۽ انهجا سلوڪ

"ونڌا سڀ لڏي، سوريهه سنسار مون
هاٿي گهوڙا پالڪيون، ويا لشڪر ڪوٽ ڇڏي
لون ونڌي گهر آڏي مٽيءَ جو مستان ٿي."

هن فاني دنيا ۾ جمڻ ۽ مرڻ جو ناٽڪ هلندو پيو آهي. جيئن "ڏئي جي جوت وجهي واءُ ۾ وسامي" تيئن هر ڪو ويندو هتان اڏامي، مطلب ته آيو واءُ ويو ساهه. عقبت ۾ هيءَ ناسوت سراسر هڪ ڀاڄو آهي. جنهن ي ٻڪڙط جي ڪوشش پيا ڪريون پر هٿ حاصل ڪجهه ه نٿو ٿئي. انسان ڌن دؤلت، پنهنجي پداوت، شان ؤڪت ۽ ناٿ اڏيهو الاءِ ڏوڙون پائي، سهڪي هڪ ڏينهن اچي پٽ پوي ٿو ۽ هيءَ ناسوت سراسر لياڳي و.

"اهڙا ابوڪ ويا، سامي هن سنسار مون،
جنهجي رنڪ ڦيٽن سان، ست ٿي سمنڊ ٿيا،
مالڪ راڪس ڊهولسا، پکشي وس ڪيا،
اهڙا سڀ ويا، اسٿت رهي نه آدمي"

ٿهندا ڏسو ٿا، پر وڃار وارن لاءِ مان پڻ هڪ
آهيان. مونکي ڇڪ ٿي چڙهيل ڏسي، ڪيترا ا
مزور خيال جي اونهي عميق ۾ ٻيون هٽي لڳندا
ڇا ! اهو نهائينءَ وارو ڪير؟ جڏهن ٿپ ٿپ ڏ
مونکي پيو ٿاهيندو آهي، تڏهن توکي اهو اعلا
ياد ڪونه پوندو آهي، جنهن خود توکي بڻايو آه

ڏنوڌي بد

جاڳ، ورن ڪل ڪرم کي سامهين ڪهن ٿسن،
گڏي گڏ چڙهن، مستڙي آلم رام سان."

سامي صاحب اهي سلوڪ ڪنهن ڪتاب ۾ ڪين ـلکندو هو. پر ڪاغذ جي ٽڪرن تي لکي مٽڪي ۾ ـوجهندو هو. سلوڪن جو شمار اٽڪل ٢١٠٠ آهي.

سامي صاحب جي سلوڪن ۾ دنيا جو فاني هجڻ، اندرين ـجي جن پنهنجو خوشين ۽ مال ملڪيت ميڙڻ جو لياءُ ۽ سچي ـسروپ جي آتمڪ سک بابت سمجهاڻي ۽ سکيا ڏنل آهي. ـسندس سلوڪ پنهنجي ايشور جي لَن، من، ۽ تن، لياءِ ـ لپسيا سان شيوا ڪرڻ سيکارين ٿا. انهيءَ موجب:

"سوڙي جنهن سيج مرڻ لن مشاهدو."

انهيءَ سچيءَ ودّيا موجب ايشور جي ٻانهپ، بادشاهن ـجي سلطانيءَ کان وڌيڪ آهي. انهيءَ وديا حاصل ـڪرڻ ڪانپوءِ اسانجا پنج دشمن (ڪام، ڪروڌ، لوڀ ـموهه ۽ اهنڪار) جيڪي دوست، سڄڻ ۽ ديوتا بڻجي ـاسان تي حڪم هلائين ٿا، سي ئيوس بڻجي اسانجي غلامي ـڪن ٿا. انڪري مانڪا ڏيهه سٽن ڪرمن ڪرڻ سان ـي آهي انڪي سڦل بنائڻ، ايشور جي ڀڳتي ڪرڻ، ـپنجن دشمن کي ناس ڪرڻ ئي انسان جو فرض آهي ـو ته :-

"سوئي سپاهي، جو هاري من مواس ڪي،
جوڙا پنج جيتي ڪري گهوڙي جان گاهي،

مطلب ته هر ڪو انسان خالي هٿين آيو آهي
هٿين ويندو. صرف "نيڪي نيندو پاڻ سان،
رهندو هت" تنهن ڪري مايا جو ٻڌو هٿائي،
جو ڌيان ڌرڻ وارا انسان ٿي هئي ۽ منش ٻالڪرا س
ٿيا. عزت ۽ آبروءَ جو خزانو پاڻ سان کڻي و
انهن سڀني انسانن ۾ سامي صاحب جن ٻه جڳهه
ٿيا سامي جن جو جنم شڪارپور ۾ ١٧٤٣ ۽
١٨٥٠ ۾ سنڌ ۾ ديهانت ٿيو. گرهستي هوندي
جهنجهٽن ۾ قائل ڪين هو. سامي صاحب جي
آدرشي هئي. هو صاحب وٽس لوڙهي ڪاڏي ۾
نهايت سادو هوندو هو. ڪپڙا صاف اوجل پ
هو. مسڪيني جو مشتاق ۽ اهنڪار جو ورود
سنڌس ٻولي مٺي سليس ۽ اثرائتي آهي.

سنڌي ساهتيه ۾ شاهه جي رسالي وانگر سامي
سلوڪ مشهور آهن. سلوڪن ۾ نالو اڪثر "سامي
اچي ٿو پر تحقيقات مان معلوم ٿيو آهي ته
رچيندڙ سامي مينگهراج نه پر سندس شش ڀائي
ٻچومل ٿي آهي. اهو گروه لاءِ بيحد عزت ۽ پيار
سبب آهي. گروه ٻه پنهنجي شش جي شرڌا ڦا
پيگٽني پاو ڏسي ڪيس رچي ڇڏيو.

"ٻيا ڏٺي ٻس ڪجهي سنگ ساڌن جو
جي آئي ڪي آدر سان پڙهي پنهنجو ڪن

...جو وچٿر سپنو

...سان جو ڳالهائي ٿو، هلي چلي ٿو، ڪم ڪري
...ڪري ٿو، سپاڙڪ سپنا به اچن ٿا. ڪڏهن
...موڪار لڳا، لپا ڦليڻ، شيان ۽ جوڙ مسائل،
...ي آهرائي ۽ ڪهڙا، آڪاش جي اوچائي ۽ اڻاٽ
...و سپنا اچن ٿا. ڪڏهن وري جيون ۽ ڦاڙيلي،
...لاڻي، اڏامي ۽ ڦهرڻ جا خوفناڪ سپنا اچن ٿا.
...سالون ڪا نه اهي سپ سپنا ڪو ٻاجا آهي ڪو...
...ڇي واڙو وقت ٿي اسي اهي ڪي سچو سمجهون
...ن تي انسان جي اڏ ڪلي ٿي، سپني جو سنسار
...وڃي ٿو. اهو ئي سپني جو روپ آهي. انسان
...آنڌين لڙڪالي، خوشين خوفن، خواهشن جڳائين
...ل رهي ٿو ۽ انهي جي حالت ۾، اهڙين جون
...ڪندي ٻاهر ڪري ٿو. اڪثر سپنا جي واڪو
...ٿيندا ۽ ٿي سگهندا آهي هڪي سڪيچا جو سنسار
...ٿيندا ۽ ٿي سگهندا هوندو آهي.

...مهابڙش جڏهن ۽ سپنا ايندا ليا آهي. هو

چڙهي ٿي چوڏول ۾ رام نگر راه
ده ڏهس ڏهائي، ڦيري ڦرني موج ري

سنڌي ساهتيه ۾ سامي‌ءَ جا سلوڪ اهم ج
ٿا، سندس سلوڪ پڙهڻ سان من جي شانتي
حاصل ٿئي ٿي. دل ۾ وئراڳ پيدا ٿئي ٿو، من
ٻر مايا ڏانهن وري ٿو. سامي‌ءَ جا سلوڪ ”و
فيلسوفيءَ جو اهو سر چشمو آهن جنهن مان ساڌ
روحي سيتل جل جو ڇڪو ٻـي پنهنجي روحا
ٻجهائي سگهن ٿا ۽ ايشور سان ملڻ جا حقدار بڻ

”ڪري ڪوچ ويا، سيئي هن سنسار ما
ٻيئر پيغمبر اوليا، جن پنهنجا پنٿ ڪ
گيانـي ڌيانـي گرهستي، سامي پنڌ پ
غيبي غيب ٿيا، لـو چا سمجهو ٻـارڻ ڪـ

مطلب ته ”سامي سڀ سنسار ساماڻل سروپ
پوءِ اسين اهڙا ڪرم ڇو نه ڪيون جو جنم
آجا ٿي ايشور ڀڳتيءَ ۾ لـنو لين ٿي وڃون.
شال اسين سڀ اهي سبق هنڊايون! شال اسانجو
رباب وانگي انهن سان وڃن ۽ اسانجي روح ا
رچي.

بعد ما موٽ
(ٻارهون

سپنا لهن ٿا. جڏهن سندن سپنا ثابت ٿين ٿا. ه ٿين ٿا. شاعر ته سپنن جي سنسار جا ئي رهواسي هو پنهن جي سپنن کي گيتن جو روپ ڏين ٿا شيام هڪ هنڌ چوي ٿو :-

سپنن جا پر ڪولي اُڏران،
ڏسندي اندر پريءَ ۾ پهچان،
وهڻا چيڙي جڻن ٿي ڳاهان،
گنڌرو هٿ جوڙن شرڌا مان.
مان برهما جي سو ڪيم رچنا،
منهنجو جيون سپنا سپنا.

پر سارو وقت ئي سپنا لهڻ نيڪ نه آهي جو مطلب ڪرم آهي ۽ نه سڪنا سپنا لهڻ. جي ساري حياتي رڳو سپنا لهبا ته جيون جي سن هلي ڪين سگهبو، زندگيءَ جي ڪشمڪش ۾ ٽِڪي ڪين سگهبو.

هڪ دفعي مون به سپنو لڌو هو. اهو هڏ ۽ وچتر سپنو هو. ٻه ٽي سال ٿيا. اونهاري هئي. رات جو اٽڪل ٻارهين بجي ڌاري وڃي پرڀات ڌاري مون هڪ سپنو ڏٺو. ڏٺم ته مان ۾ آڪاش ڏانهن اُڏامي رهيو آهيان. راڪي رفتار ڇگي تيز هئي. آڪاش ۾ ڪو گوڙ شو هو. موت واري خاموشيءَ ۾ راڪيٽ اڳتي

و سماج جون برايون

ندو سماج برائن جي ڪري پنتي پيل آهي. اهو
ڪو وقت هو جڏهن هندو سماج وديا، ڪلا ۽
ڪنهن کان به گهٽ ڪونه هئي. هاڻي بلڪل اُنجي
ي. اُهو به وقت هو جڏهن اسانجي سماج کٽن
پور هئي. هاڻي طرح طرح جون برايون اسانجي
گهر ڪري ويون آهن.

سماج ۾ سڀ کان پهرين برائي استرين جي حالت
ه اهي پڙهيل نہ آهن ۽ نڪي اُنهن کي ڪي
عل ڏنا آهن. اُهي مردن جون غلام آهن.
پنهنجي رکيا ڪري نٿي سگهي. اُنهن ۾ پردي
م آهي. جنهن ڪري سندس تندرستي به خراب
ي ۽ هو جلد ئي ڪال جو شڪار ٿين ٿيون.
انڙ عان به انهن کي نقصان پهچي ٿو. لٽيرا ۽ ڌاڪو
جي خاطر هنن جون هتياڻون ڪن ٿا. ننڍپڻ ۾
ڪي شادي ڪرائي ٿي وڃي. جنهن ڪري
مائون ٿي وڃن ٿيون. هندو سماج ۾ مرد هڪ

ٻار ٻڌجي پيو ۽ خوب کيلڻ لڳو. هو نچي پيو، ٽپي پيو.
اها راند روند جي محفل اڃا هلي ٿي پئي ته اُه
مهاپرش منهن جي وڏڙو آهو. همت مٿي کڻي مونکي
آسيس ڪيائين ۽ ”ڇيائين ته پٽ، تون ٻچ نه، هيڪ نه
مان چندا ماما آهيان. مان ٻارن جو پريمي آهيان. منهن
جي هيءَ سندر دنيا مونکي ڏاڍي پياري آهي. شرافت
کان وڌيڪ شرارت هلي ٿي. هي چندر لوڪ مونکي
پيارو آهي. منهنجي آواز سان سندس آواز هم-آوا
ٻڌجي ٿو. اهڙو جڙ ۽ چيتن جو ميل ۽ ساز، تنهنجي
سنسار ۾ ڪٿي آهي؟“

چندا ماما جي هن امرت ورشا مون کي اهڙو ته
مست ڪري ڇڏيو جو مان به جذبي ۾ اچي نچڻ لڳس.
اڃا منهنجو ناچ پورو ٿي ڪون ٿيو هو ته پاپيءَ اڇي
مون کي ننڊ مان اُٿاريو ۽ چيو ”ڇوڪري! هند ۾
ٽپيِن ڦٽڪين ڇو پيئي ننڊ ۾ پائين ٿي ڏجي ويو آهي
بدن ۾ ڪا تڪليف اٿئي ڇا؟“ تڏهن مون سمجهيو ته
چندر لوڪ ۾ ناچ ڪندي، مان هند ۾ ٻه نچي رهي
هيس.

ڪملا چند ڏراماڻي
(بي. اي. فائينل

ڪري ڇوڙي ڇوڪريءَ جا مائٽ اجھو پئسي لي
ٿيندا آھن. انھيءَ ڪري ئي ستياناس ٿي رھي
ي.

ھندو سماج ۾ انڌ وشواس جي بہ بري بيماري آھي.
و بنا سمجھ جي ڪيترن ڳالھين تي وشواس ڪري
ا آھن. ھو چند گرھڻ ۽ سج گرھڻ تي پڳوان کي ڀجائڻ
ڏايا دان پنج ڪندا آھن. اھڙي نموني جا ڪيترائي
وشواس جا ڪم ڪندا آھن. اجھو ماڻھن کي ڏڌڙ
ب نگيندا آھن. ڪيترا ماڻھو ديون ديوتائن جي
ڪندا آھن. اُنھن کي خوش ڪرڻ لاءِ ٻلي چاڙھيندا
مطلب اھو آھي تہ ھندو سماج ۾ انيڪ خرابيون
خوشيءَ جي ڳالھ آھي جو تعليم جي دوران
روز ڪجھہ خرابيون دور ٿي رھيون آھن ۽
کي اُميد آھي تہ ڪجھ ڏينھن ۾ جلد ئي اسانجي
مان برايون دور ٿي وينديون ۽ اسانجو سماج سرڳ
سڪون لاھيندو.

گنگا

(سيڪنڊ ايئر ٽي ڊي سي)

استري هوندي وري بي شادي ڪن ٿا. پر ناري
فقط هڪ پتي ڪري سگهي ٿي. انجو نتيجو بلڪل
خراب ٿو نڪري.

هندو سماج ۾ بي خرابي آهي شودرن جي حالت اسان
جي سماج ۾ اسان صرف پاڻ کي ئي پيڙهي ناهيو
سوچيو. شودرن کي ڪن ڪچرو سمجهي ڪٽي ڦٽو
ڪيو ويو آهي. انهن کي اسين نفرت جي نگاهه سان
ڏسون ٿا. ڇا ڪن ڦٽ ڪاڻ وارا جيو هنن کان وڌيڪ
پوتر آهن؟ جيڪڏهن نه ته پوءِ اوچو سمجهڻ وارو
انسان اُنهن کي ڇو نٿو ڇهي؟

هندو سماج ۾ جاتين پاتين جو به وڏو رولو آهي.
پهرين ته فقط چار جاتيون هيون پر هاڻي ته تمام گهڻيون
جاتيون ٿي پيون آهن. اڄ ڪلهه جاتي پاتيءَ جو جهنجهٽ
نڪري لي ٿي پيو آهي. انڪري سماج جي
اُنتيءَ ۾ ڪافي رڪاوٽ آهي.

اسانجي سماج ۾ ڏٺو ويو آهي ته شاديءَ وقت به
گهڻيئي خرابيون هلنديون آهن. اُهو به اسانجي سماج جو
هڪ دوش آهي. شادي هڪ پوتر سنسڪار آهي. ان
وقت ٻن آتمائن يعني پرش ۽ استريءَ جي خواهش
جو پتو نه لڳايو ويندو آهي. ڪهڙي خبر ته ڇوڪري
جنهن سان شادي ڪري ٿي ان کي چاهي ٿي يا نه؟
ڪهڙي خبر ته ڇوڪرو هن کي پسند ڪري ٿو يا نه؟

ڪ انسان جو فرض آهي شادي ڪرڻ. استري
س جو اڌ انگ مڃي ويندي آهي.

راجا جواب ڏنو - مان ٽنهنجو چوڻ مڃڻ لاءِ تيار
ن. جيڪڏهن منهنجي دل وڻان ڇوڪري ملي ته
وهانءُ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. اها ڇوڪري غريب
ريب هجي ۽ اُن سان گڏ شاهوڪار به.

جهت پت ڪيترا ماڻهو اهڙي ڇوڪريءَ جي ڳولها
س پرديس موڪليا ويا. پر ڪنهن کي به اهڙي
ڪري ڪين ملي جا غريب هجي ۽ شاهوڪار به
ي. آخر راجا خود ڇوڪريءَ جي ڳولها ۾ نڪتو.
ول هڪ شاهوڪار جي گهر ۾ ويو. ان وقت اترو
ن هو جو شاهوڪار کي خود پتو نه هو ته وٽس
ر و ڏن آهي. ان جو محل ايڏو وڏو هو جهڙن
ڪر هڪ چڱو وڏو شهر ماپي وڃي. ان کي هڪ
ملڪي ڌيءَ هئي ۽ ساري ملڪيت جي اهائي
ي هئي. سندس بدن اهڙو ڪومل ۽ منهن اهڙو
هو جو پريون به ان اڳيان شرمندي ٿي ٿي وڃي.

اجا ان شاهوڪار کي نياپو موڪليو ۽ پنهنجي
يءَ جو ارادو ڏيکاريو. ٿوري وقت کان پوءِ پنهنجي
ملاقات ٿي. راجا چيو ته مان اوهان جي ڪماري
ڏجڻ ٿو چاهيان. جيڪڏهن مون کي پسند آئي ته

غريب ۽ شاھوڪار

ڪنھن شھر ۾ ھڪ غريب ٻڍي مائي رھندي ھئي ان کي ڪو مٽ مائٽ ڪو نہ ھو. فقط ھڪ ڇوڪري ساڻس رھندي ھئي. ان ڇوڪريءَ جو نالو سشيلا ھو ھوءَ ٻڍي اھڙي تہ غريب ھئي جو وٽس ھڪ چرخي کانسواءِ ٻي ڪا ملڪيت نہ ھئي. ھوءَ ھڪ ننڍي جھوپڙيءَ ۾ رھندي ھئي. ٻڍي جڏھن مرڻ لڳي تڏھن ڇوڪريءَ کي چيائين تہ تو لاءِ ھي چرخو ڇڏي ٿي وڃان. ھيءُ ئي تنھنجو ڌن دولت آھي. ان سان تون پنھنجو گذران ڪجِ. ٻڍي پوءِ مري ويئي.

ان شھر ۾ ھڪ راجا ھو. ان اڃا تائين شادي نہ ڪئي ھئي. ديس پرديس مان ڪيترن راجائن وٽان کيس مائٽيون آيل ھيون پر ھو شادي ڪرڻ ڪين چاھيندو ھو. وزير کيس شادي لاءِ ڏاڍو زور ڀريندا ھئا پر راجا ھميشہ انڪار ڪندو ھو. ھڪ ڏينھن ا راجا جي ٻڍي منتريءَ راجا کي ڏاڍو سمجھايو ۽ چيو

ر پئي آئي سو پاڻ ڪاڻي وٺي. مون لاءِ ڪجهه نه
و. ڀڳوان تنهن جو ڀلو ڪندو. راجا ڪانئس پڇيو
سڀني کان وڏو غريب ۽ شاهوڪار ڪير آهي.
ڪريءَ جواب ڏنو - بابا دنيا ۾ سڀني کان غريب
آهيان. مون کان وڏو ٻيو ڪير غريب هوندو.
وڪار ڪير آهن اها ته مونکي خبر ناهي.

راجا دل ۾ چيو ته هن ڇوڪريءَ ۾ لالچ آهي.
هو اتان واپس موٽي ويو.

ٽين ڏينهن راجا سشيلا جي گهر آيو. سشيلا پنهنجي
ڙيءَ ۾ ويٺي چرخو ڪتيو. هوءَ سڄو ڏينهن
و ڪتيندي هئي. شام جو اهو سٽ بازار ۾
ڻي سيڌو پاڻو وٺي ايندي هئي. پنهنجي هٿ
گهر جو سمورو ڪم ڪار ڪندي هئي ۽ ڏاڍو
۾ رهندي هئي. راجا جي ايندي سشيلا اُٿي
ني ۽ نمرتا سان چيائين - اچو مان خوش نصيب
ن جو اوهان منهنجي گهر ۾ پڌاريا آهيو.

اجا پڇيو - دنيا ۾ سڀ کان وڏو غريب ۽ سڀ
وڏو شاهوڪار ڪير آهي.

سشيلا جواب ڏنو - جيڪو غريب هوندي به
ر ڪري ٿو ۽ جيڪي ڪجهه محنت سان ڪيس
ٿو، تنهن تي راضي رهي ٿو اهو غريب هوندي

مان ان سان شادي ڪندس .

شاهوڪار جواب ڏنو - چڱو مان اجهو ٿو بندوبست ڪرايان . راجا کي وٺي وڃي پنج ڪلاڪ لڳي ويا ان کان پوءِ اندر گهرايو ويو . شاهوڪار جي ڌيءَ هڪ موتين جڙيل پلنگ تي ويٺي هئي . هوءَ راجا کي ڏسي اٿي بہ ڪانہ ۽ نڪي راجا کي ڪو وهڻ لاءِ چيائين . راجا پاسي ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو . راجا پڇيو دنيا ۾ سڀ کان وڏو شاهوڪار ۽ غريب ڪير آهي ؟ ڇوڪريءَ جواب ڏنو تہ دنيا ۾ سڀ کان وڏو شاهوڪار تہ مان آهيان پر غريب ڇا ٿيندو آهي اهو مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي . راجا دل ۾ ويچار ڪيو تہ هن کي پنهنجي ڌن تي ڏاڍو مان آهي ۽ ڇوڪري بالڪل مغرور آهي . هو پوءِ اتان اٿي ٻاهر نڪري آيو .

ٻئي ڏينهن راجا هڪ غريب آدميءَ جي گهر ويو . ان گهر ۾ بہ فقط هڪ ڇوڪري هئي . ان جي ماءُ بيک پنڻ وئي هئي . ڇوڪريءَ کي ڦاٽل ٽٽل ڪپڙا پيا هئا ۽ هٿ تي روٽيءَ ٽڪر رکي لڪو لڪائي رهي هئي . راجا کي ڏسي ڇوڪري ڊوڙي ويس آئي ۽ چيائين تہ دادا ڪجهہ پئسا ڏيارو مان ڪالهہ کان بکي آهيان . منهن جي ماءُ پنڻ وئي آهي . ڪالهہ جيڪا

ي پرسرام "ضيا"

وسارڻ سان بہ وسرن ڪين
ليون فنڪار جون ڳالهيون
سدائين ياد سي رهنديون
اهي شهڪار جون ڳالهيون

انوڻ جو مهينو هو. وڻ ٽڻ سبز ساوا هئا. باغن ۾
هئي. ان موسم ۾ هوا جي ٿڌي ٿڌي هير ٿي لڳي.
جو وقت هو پکين جو مڌر آواز ٿي روح کي
ٿي ملي. ان وقت ننڍي آدم جي ڳوٺ ۾ شري
د سچانداڻيءَ جي گهر ۾ هڪ بالڪ جو جنم ٿيو
ڪ جو جنم ١١ جولاءِ ١٩١١ع ۾ رات جو ٤ بجي
مدس چنيءَ جو نالو پرسرام رکيو ويو.

سرام اڄ ننڍو سيارڻ وڏو اچي ستن سالن جو ٿيو.
پتا شري هيرانند کيس سڪول ۾ داخل ڪيو.
ننڍي عمر ۾ ئي گهڻو ذهن وارو هو. جيڪي
و هو سو هن جي زبان تي جلد اچي ويندو هو.
هڻ ۾ بہ هوشيار هو پر گڏو گڏ هن کي سنسڪرت
لڳاءُ هو. هو روز سنسڪرت پڙهڻ ويندو هو ان

۽ شاهوڪار آهي. مان اهڙي نہ غريب آهيان جو مون وٽ هن چرخي کان سواءِ ٻي ڪا ملڪيت ڪانهي، پر مان پاڻ کي شاهوڪار سمجهان ٿي ڇاڪاڻ تہ مون کي سنتوش آهي.

اهو ٻڌي راجا دل ۾ سوچيو تہ هن ۾ شاهوڪاريءَ جو ايمان ڪونهي ۽ نہ غريبي جو لوڀ آهي.

”آخر راجا سشيلا سان شادي ڪئي.“

گوپي آسداڻي

آباد رک الاهي هي گلستان اسان جو.
چين ۽ جپان، اٽلي، ايران مصر، يونان،
هر ملڪ لي اسان جو هو دم رهيو تي احسان،
وسريو نه هوندو تن کان احسان گران اسان جو.
سون آهي جنهنجي مٽي پٿر نه جنهنجا گوهر
پٽي جو چمن جي گل کان هو خار جنهنجو بهتر
سو ديس آهي پيارو هندوستان اسان جو.

ن شعر سيني هندوستانين ۾ هڪ نئي روشني ڏني.
اشط جي معنيٰ آهي روشني سچ پچ ضيا صاحب
ن الڦن کي شاعريءَ جو روشني عطا ڪئي جي
قي پسند شاعر ليکيا وڃن ٿا. هو جائي جم کان
هو. نند پٽي ۾ ٿي ڪيترا پڙهن لکيائين جن ۾
و" تخلص ڪم آندائين ان کان پوءِ "رنجور" جي
سان ڪافي شعر لکيائين. شروع کان جيڪو شعر
ن جنهن ۾ دل جي پلت، خيال جي نزاڪت،
غير رواجي رواني ۽ تاثير هو. ضيا صاحب شاعر
کي پنهنجو استاد ڪري پنهنجي شعر کي پنهنجو
"۽ انجور" مان ڦيرائي "ضيا" رکيائين. ضيا
سنڌي شاعر هو جنهنجا گيت فلمن ۾ ڪميا ويا.
جب صاحب، شري سڪمدي صاحب، شرسد
گيتا ۽ ولد مٽر سولي، سلوڻي سنڌي ۾ ڪولا
و ڪري هن صاحب سنڌي ڌارمڪ ساهتيه جو

ڪري ڏاڍي ڏاڍي سندس پڙهڻ مان ذوق نڪرندو و
۽ اهو شوق ڳائڻ طرف وڌندو رهيو. ان ۾ اڪثر آ
وشواس هو هن پڙهڻ ڇڏي ڏنو ۽ راڳ ۾ محو ٿي ويو

ڏاڍي ڏاڍي سندس راڳ ۾ وڌيڪ لطف وٺند
ويو جنهن ڪري پرسرام سورهن ورهين جي عمر
پوريءَ سنڌ ۾ ڪجهه مشهور ٿي ويو. ماڻهو سندس
شعر پڙهندا هئا ۽ سوچيندا هئا ته هي شاعر ڪو مسلما
شاعر ٿو ڏسڻ ۾ اچي. ڇو جو پرسرام جي شعر ۾ گه
اکر پارسي ۽ عربي هوندا هئا.

شري پرسرام ضيا سنڌي ساهتيه جي جديد شاعر
۾ مکيه جڳهه والاري ٿو. سندس شعر سليس سادو ۽
دل کي ڪشش ڪندڙ آهي. زبانداري محاوره بند
۽ سلاست ۾ سندس ثاني ڪين ٿو ڏسڻ ۾ اچي.

ضيا عام جو شاعر هو. شروع کان ئي جيڪو ش
لکيائين تنهن ۾ دل جي پلٽ، خيال جي نزاڪت لفظ
سلاست سان گڏ غير رواجي هئي جا لوڙ تائين رهي
هندستان جي ورهاڱي ڪري سنڌي شاعريءَ ۾ نئو
طوفان آيو. نئون موڙ آيو، نئون دور آيو. هن نازڪ
وقت تي پرسرام به هڪ شعر "هندستان اسان جو
لکيائين. جو هن طرح آهي.

دنيا سڀني کان بهتر، هندوستان اسان جو،
هندوستان آهي فخري جهان اسان جو،

پر وڃڻ مندر اندر دشوار ٿيو.

"ضيا" جو جنم غريب پريوار ۾ ٿيو هو ان ڪري
هڪ شعر لکيو آهي.

ور آهيان فقيري ۾ پر سمجهان ٿو امير آهيان،
ند آهيان، مريدن جو مگر سمجهان ٿو پير آهيان.

"ضيا" جي شعر ۾ ڪلپنا وڏي هوندي ان مان
آهي ته سندس ڪلپنا شڪتي ڪيتري قدر اعلى
أن آذار تي هن هڪ شعر لکيو.

ر برابر ڪين آهن، پر اُڏڻ ائندو اٿم،
ت وڃڻ چاهيان، اتي پهچي وڃڻ ائندو اٿم،
سمان جو سير جي چاهيان، ڪرڻ ائندو اٿم،
پکڙهن ڪنهن سان ملڻ چاهيان، ملڻ ائندو اٿم،
ڻ گهر وڃي ورڻ چاهيان، ورڻ ائندو اٿم.

ڙو دل عزيز ۽ لاثاني شاعر ۴۸ ورهين جي عمر
آڪٽومبر ۱۹۵۸ ۾ اسان کان الوداع ڪري رب
راهي ٿيو. ان تي دل جو درد ظاهر ڪندي چيو:
ڪ شاعر چيو آهي ته:-

مان اُوڙها ٿي اُڏيا، پر ماڻهن موٽين جو ٿيو،
سبا دنيا کان سڀ موٽي لڪاٿون ٿا اسين."

۾ سندس ياد جيئانند "گل" هڪ شعر ضيا جي
ي دنيا ۾ وڃڻ کان پوءِ چيو آهي سو هن طرح آهي.
کان پوءِ ڪٿي مائر مجاورسين ته چيا تي ٻيو،

خزانو پرسو "صبا" ٻارن لاءِ هڪ ڪتاب "باغِ بهار"
لکيو جنهن لئي هند سرڪار وٽان ٥٠٠ روپيا انعام ڏ
ويو ۽ اهو ڪتاب هندوستان ڪتاب "گهر" ڇپائي
پڌرو ڪيو. سندس ڪوتا جا شعر ۾ ڪيڏو تاثير آهي
ان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ڪناري لئي هرگز نه گوهر ملن ٿا،
تري ۾ وڃڻ سان ئي موتي ملن ٿا،
جي تارون آهن جي ٽوٻا نه آهن،
حبابن جو بس سي تماشو ڏسن ٿا،
ارادو اٽل ۽ عمل جن جو اڻ ٿر،
اهيئي مقدر جا مالڪ ٿين ٿا،
رکيو آهي جن پنهنجي همت تي وشواس،
انهن جا "صبا" پار ٻيڙا ٿين ٿا.

پرسرام نه رڳو ٻارن لاءِ پر نوجوانن کي به سجاڳ
ڪرڻ لاءِ ڪي شعر لکيا آهن سي هن طرح آهن.

آه مشڪل جو سمو، هوشيار ٿيو،
سڀ ٿيو ايڪمت ۽ بيدار ٿيو،
ڌرم ويو شرم ويو، غيرت وئي،
بي حيائيءَ جو سمو، اختيار ٿيو،
بازار جا ناول، وڏن فلمي گيت،
سر متان گيتا پڙهڻ، جڻ بار ٿيو،
ڪلب ۽ ٿيئٽر وڃڻ لاءِ وقت آ،

نڌي شاعري ۽ سماجواد

ائين سمجهڻ ته سماجواد جو سڌانت اسانجي راڄنيتي
ون جي ايجاد آهي سا سراسر ڀل آهي. سچ ته ائين
ته انهن ليڊرن کي الساهت ڪندڙ اسانجا شاعر ئي
. اچو ته پنهنجي ڪجهه وڏن شاعرن جي خيالن
چند ڇاڻ ڪريون.

ي گرو نانڪ ديو:-

هن هندو مسلم فرقيوار ڪاڻت کي ٻالي ۽ مرداني
الفت ۾ تبديل ڪيو. تمام ماڻهن جي دلين مان
ن ۽ ڀرم کي ڪڍي انهن ۾ آتم وشواس پيدا
. ذنا ڀڳت جي والان چوائي ٿو:
وڪي ڀڳت نه ڪيجئي ڀي ماڻا اپني ليجئي."
لن ٻرهمڻ ۽ اوچ ذات وارن کي صاف چيو ته
ي ذات جو گهمنڊ نه ڪريو جو انهيءَ مان انيڪ
ن پيدا ٿين ٿيون.

"جاٿ ڪا گرب نه ڪر مورک گنوارا
اسي گرب سي چالهن بهت وڪارا"

ڪري ورلاپ دنيا کي ٻڌائيندوسين ته ڇا ٿي پيو.
قدر ڪنهنجو ڪيوسين ته ڪين دنيا مان وڃڻ وارا،
وڇوڙي ۾ جي هڪ آنسون وهائيندوسين ته ڇا ٿي پيو.
تون نيڪيءَ جو فرشتو هئين ڪٿي آخر ۾ نيڪي وئين،
ترانو تنهنجي نيڪيءَ جو جي ڳائيندوسين ته ڇا ٿي پيو.”

اڄ ”ضيا“ جا ڪلام پڙهي ان جي نيڪيءَ جا گڻ ڳائي رهيا آهيون.

نرملا روهڙا
(فرسٽ ايئر ٽي، ڊي، سي)

م صاحب

ڏو نغمو ڪائيندڙ واپارين ۽ چور بزار ڪندڙن
اشارو ڪندي سر سارنگ ۾ ٻڌائي گهورن اجهو
ٿو لکي :

”جن مهانگو اهي ميڙيو سي ٿا هٿ هڻن
پنجن منجهان پندرهن ٿيا ائين ٿا ورق ورن
ڏڪار ڏيهه مان شال موڌي سڀ مرن.“

ن کي دلداري ۾ خوب ڏئي ٿو :-

چو سورن وارڻن ڪيون سور پچار
ڪن گهٽا ڪن تورا ڪانهي سورن ڪان ڪا ڏار.

اج عزيز :-

رت جي خوشحال آئيندي جو خواب لهندي
ٿو :-

خوش ٿيو ديسي نئون سر سرو سامان ٿيندو
ي ۽ خزان ونندي وري فصل بهاران ٿيندو
الهه جي عيش آرام کي ڏاڍو ٿي سگها
انهن لاءِ وڏو عيش جو سامان ٿيندو
ڪسي ونندي مزورن جي گهرن مان نڪري
ع دولت جو ڏئي ديس جو دهقان ٿيندو.“

مند جا هاري“ جي پڇاڙيءَ ۾ لکي ٿو :

ڪر نڪر اجهو آهي هي بدلڻ لئي زمانو

هو شاهوڪارن کي ڪاهيو چوندو هو ته توهانجو نا
مفلس جي رت ۾ رنگيل آهي؛ گناه ڪانسواءِ ڪنهن ڏ
نٿو سگهي. اها ڳالهه لالوءَ جي ڀوڳي ۽ ڀاڳوءَ جي
مالپوڙي کي نپوڙي ثابت ڪري ڏيکاريائين (غري
لالوءَ جي ڀوڳي مان کير ۽ امير ڀاڳوءَ جي مالپوڙي ما
رت وهي نڪتو)

ڏسو ته ڪيئن نه گروجن بادشاهن کي سماجواد جي
راهه تي هلڻ لاءِ زور ڀريندا هئا. بادشاهن کي پنهنجو
فرض سمجهائيندي فرمائين ٿا ته رعيت ۾ هر ڪنهن
شخص کي روٽي ملڻ گهرجي جيڪڏهن ڪو بک سبب
چوري وغيره ڪري ٿو ته انجي سڄي ذميواري بادشا
تي آهي. هن مان صاف ظاهر آهي گروجن ڪهڙي
قسم جي حڪومت ٿي چاهي. سندن سکيائن ۾ سماجواد
جا سڀ عناصر موجود هئا. ساڌو واسواڻي ته چيو آهي
”گرو نانڪ جي نظر روحاني ڪميونزم واري هئي.“

سامي:-

هن مايا کي جنسي حرف پيا آهن. جي ما
نانگڻي، منهن ڪاري، ڏندري، ڏيوالي، ڏائڻ بلا آهي...
هڪ ڪٺو نه ڏئي ڀاڻ، ٻئي کي پنگ وجهي پائي
مايا تنهن مورک جي آهي اجائي
سو ڏو ڀاپي پدرو، جنهنکي اهڙي عادت آئي
تنهن اندي آگ لائي پنهنجي هٿن پاڻکي.

شولي سرڪاري عملي کي سنئين ڏيئي لائبو
ون چانديءَ جو سڪو جيئن محنتيءَ جو ٽئي مطيع
اعدي سازن ڪان اهڙو فائدو جوڙائبو
يڪڙهن هن راهه ۾ روڙو ٿي ڪوانڪي پيو
هڙي سائينءَ جي سنوارڻي کي سڌي سمجهائبو
وس هونءَ ٻي خيال آهي، خيال آهي زندگي
يال کي بس خيال سمجهي خيال سان بدلائبو.

چڻن ٻيوس :-

هن ۾ ڙو مچي منهي ڏوڏي جنار لي
دو گذر وجهي نه طبيبن لنوار لي
رهيو وجهي ٽو واڻ وڏيءَ جمار لي
ب پوي نه حرص خوشيءَ جي خمار لي
ٻيوس " جتي جلائي نه چنتا جي چوڙي
! جهري ۾ شال غربن جي جهوپڙي.

رشي راج شرما
(ڪامرس ٽيچر)

خوشبو سگهو ٿيندي سنڌ جان ڏکياري
خونخوار ۽ بيرحم ڪري خاڪ تي پوندا
آيرن ۽ غريبن کي عطا ٿيندي سواري."

پرسرام ضيا:-

حق ڏيو هڪجهڙو سڀ کي ڪس نه ڪنهنکي لائبي
دل اها ڏئي ٿي گواهي ايندو اهڙو انقلاب
جيڪو اڄ پنهنجي پهل سو ٿيندو ڪامياب
ملڪ جي اُجڙيل چمن ۾ علم جي ايندي بهار
هر بشر جي خود بخود ٿيندي حيالي خوشگوار
ڪنهنکي ڪو شڪوو نه رهندو ۽ نه رهندي ڪا ميار
هر خوشيءَ تي هر وطن واسيءَ جو رهندو اختيار
اي ضيا! شهري به خوش، ڳوٺاڻو خوش نادار خوش
لون به خوش ۽ مان به خوش مزدور خوش زردار خوش

نارائڻ شيام:-

ناڻي جي ڪري خوش نه ٿي لون ٻارڻ وڪڻ
ڪي سوچ نه ائين ماڻهپي جو ماڻ وڪڻ
قاسائي خريدار ڪو چالاڪ بڻي
ايمان او واڻيا، نه وڪر ساڻ وڪڻ!

شري دڪايل:-

ٻڪ نه ٻارت جي قبيلي جو جيڪن پالي مري
جو ڪٽو داڻو اڻون ونڊي وراهي کائيو
ڪيڪن ڏيداسين رهڻ ڪا ديس ۾ ڪاري بزار

ي جو ٻڙ جيئن نه :—

ساهي سڀ ڏيندار، اٿئي عجيب جو،
ڏسي ٻڌي ڀاڻ ٿو، ٻولي ٻولڻهار،
نراڪار آڪار ڏاري آهو جڳ ۾،

مي هڪ مهان ڪوي :—

ساهي سنڌ جو مهان ڪوي آهي. سندس ڪوتا مانيٺو وهندڙ درياهه آهي. جنهن ۾ نه ڏرندڙ جون ن ۽ ڪنهن جا ڪڙڪا ٻڌجن ٿا. ٻرهن جي ڪوتا ۾ اهڙو راز سمايل آهي. جو راز، راز ئي رهي ٿو. مطلب ڪير نٿو سلي سگهي جيئن نه چيو اٿس :—

ساهي! سدائين، ٿو وڃي ڪنگري ڪرتار جي،
ري ڪنهن جو ئي ڪي، سمجهه ۾ آئي،
هن ڪي گر ڪرپا ڪري، ٻولي ٻڌائي،
جائي وائي، سي ڳڌيا گور ڪساٿ ڪي.

ي هڪ سنت ڪوي آهي هو آلم اُنتيءَ ۽ موکيه جو سنڌيش ڏايهءَ عمديءَ عبارت ۽ لورنال ڏني ٿو:

ڪلجڳ جا ڪوڙا، مير منهدي چوڏري،
راليون ڏنهان لوڀ جا، گهر ٻڌن ٻوڙا،
ساهي ونساهه سان، ڏوهن وسوڙا،
ساهي! مت موڙها، مرڻ نه جاڻن مسن ۾.

جي سلوڪن جو سار:—

سامي صاحب ۽ اُنهن جا ڪلام

آهه سڀني کان علحدو، ساميءَ صاحب جو ڪلام،
ذڪر ڪان اُنهيءَ جي آهي ڪلڪ قاصر ٿي تمام،
شوق ڏاڍي سان سخن هن جو پڙهن ٿا خاص عام،
سڀ ڪان هن گيانيءَ ڪويءَ جو آمٿاهون ٿيو مقام،
ڇا سندس ٻولي مٺي ۽ ڇا سندس اُسلوب خوب!
شاعريءَ جي طالبن جو آهه هي مطلوب خوب.

ساميءَ جو جيون چريتر:—

سامي صاحب جنهنجو اصل نالو چئنراءِ هو، سو شڪارپور
جي واپاريءَ ٻچومل لُند جو سپتر هو. ننڍي هوندي
ڪان ئي وديا سان چاهه ۽ سات سنگت ڏانهن لاڙو هوس
هن نارائڻداس بيراڳيءَ جي سنگ ۾ سنڌ جي صوفي
شاعرن جو چڱو ابياس ڪيو. سامي چئنراءِ ڪسي
ورهين جي ڄمار ۾ اهڙو نه وهراڳي ورالو جو سلوڪ
لکي مٽڪي ۾ ڪنا ڪندو ويو ۽ هن سڀني سلوڪن ۾
ساميءَ جو ئي ڀوڳ پالو آهي ۽ ڪٿي ڪٿي ٻانيڻ ۽

ء جو هت اچڻ اٿيلي آهي جيئن ميوي کانسواءِ
کنهن ۾ ڪم جو نہ آهي ليڪن ٻوٽو بنا ڦر مانند جي
ي اسپو آهي. سامي جيڪو عشق جو احوال جو
چيو آهي سو کهڙو نہ رومانچت آهي عاشق
ست جي ديدار لاءِ رات ڏينهن ڏيهہ ڏسوهہ ۾ پيا
ن هارين:

پل پل ڪن پڪار، ڪنا درد فراق جا،
پسڻ ڪارڻ پرين جي، رئن زارون زار،
سامي چئي سوڙ جي، رکن کان سنسار،
اچي مل هڪوار، نہ تہ ڏيون ٿا دم درد ۾.

ي ۾ سنسار

امي جا سلوڪ پڙهندي هڪ ڳالهہ ظاهر ظهور
يندي تہ هو سنسار جي سک ماڻڻ جي خلاف
ي:

سدا سير رهن، ساڌو جن سنسار ۾،
بڌن ڳالهائن من رکي، نيڻن سان نرکن،
ڪائي پڻن خوش ٿيي، هاج سيائي ڪن،
هلايا هلن سامي سپرين جان.

سامي جن چيون ٿا تہ سنسار جو سک ماڻي انم
، نہ پڻ جو الڪي تو سو الي ڏکي ٿئي ٿو.
ي سواس روپي حساب وانگر سنسار ماڻ ۾ اُن
ي لتڪي نہ رهہ. من لاءِ سامي ٻڌائي ٿو تہ ڏايو

هيءَ جڳه اٿھوندو آهي، يعني ٻٽيوئي ڪونهي ۽ اڳيان
سڀ سچو ياسي ٿو. جيئن ته چيو اٿن:

ڌرتين ڪوهه پهار، ٿو سامي مايا موهه سان،
اٿي سڀ اوديا جو، اٿھوندو اسرار،
جئن نانگ نوڙيءَ ۾، سيپي ۾ سنسار،
ڪرڻ جيءَ خوار، مرگهه ترشنا جي جل ۾.

سامي‌ءَ رات اٿيءَ اکيون کلڻ سان هيءَ جڳت ڪلپت
ماتر نظر ايندو. آتم گيان سان ئي جڳت ست جو وهم
پئنگ ٿيندو. اهڙيءَ طرح سچو سک ۽ مُنش جي اندر
۾ ئي آهي.

گر گم گند غير، ڪڍيو جنهن اندر مون،
سو ساڪي ٿي سنسار جو، سامي ڪري سير،
ڪميا سان سگهيو، گهري درس دلدار جو.

ساميءَ جي ورهه جي واٽ:—

سامي صاحب جيڪي به شعر رچيا آهن انهن
ٻارو ۽ ساڙو آهي. هن سک ڀريا سلوڪ نه آڳرين نه
ڳڻڻ جيترا ئي چيا آهن.

بنا سک سڄڻ، ڪنهن پاتو ڪيڏڪي،
نڪري ڪين ڌهيءَ ري، منجهون ڪبر مکڻ،
قبل ورائي وڻ، سامي سچو سڪٽو.

سامي صاحب صاف اکرن ۾ چون ٿا ته جيئن ڪير
ڌهي ٿهي ۽ ڌهيءَ مان مکڻ نڪري ٿو ڪير بنا مکڻ

ي ۽ موجب ھي ۽ مانڪ جنم امول امانت آھي ۽ ان سان
ت ڪرڻ ۾ خير ڪونهي جو پاپ جو ڀاڱي ٿـي
ي ۽ جو چولو پوڄڻو پوي ٿو. جنهن صورت ۾ ديھ
ئي ڏک سک جو ڪيل تنهن صورت ۾ ڪو بہ انسان سڀاو
ـ ھوندي ڏکن کان پورن ڇوٽڪارو نٿو پائي سگهي.
ي ٿي انسان کي سمجهائي ڏيندي چيو اٿائين تہ:

مانڪ ديھ الم، ڪنهن ڀاڱي پورن پن لي،
"سامي" چئي تنهنجو رکج من مرم،
ائـي جي قيمت جـو ھڪڙو ھڪڙو دم،
چڙي ڪلپت ڪم، جاڳي جپج نام کي.

جو ساڏو ٻـ ٻچن جي پرتاپ سان ملي ٿـو. ھـو
اھـ جاڳائي ڏسندو آھـي تہ جگياسو ھـر حال ۾
ئي ڪم پتاندڙ ھلي ٿـو تہ ڏھن ھو اگيان جي
ـ کـي دور ڪري ڪيس نج سروپ جـو درشن
ي ٿو.

سدائين مهمـان، گـرمک جاڳي ڀاڻ کـي،
ڏنو جنهن گر گيان سان فاني سڀ جهان،
ڪايا مايا ڪل جـو رھي نـہ ايمان،
ڀانئي پد نرباڻ سامي رھي نج سروپ ۾،

جي واڻي توکي سمجهڻ ۾ سولايان:—

ي سلوڪن بابت چوي ٿو تہ مان وچن جي
مجهڻ ۾ سولائي رھيو آھيان، وچن موجب

چنچل آهي نہ هن جي رنگ روپ جو پتو پوي ٿو ماءُ پيءَ جو. نہ ديس جو هو ڪن ۾ خيالن جي پورن ۾ اُڏامي نيٺي لوڪ گهمي ٿو ڪڏهن پنهنجي راضي رهندو ڪڏهن راڄ تي بہ ناراض.

ڇيو وڃي نہ من، ڪارو ڳاڙهو ڪرو،
جنهن جو ماءُ پيءُ ڪو، نڪو ديش وطن،
ڪن ۾ ڪري خيال سان، نيٺي لوڪ گهمن،
ڪڏهن پنهنجي ٿئي پرس، ڪڏهن سامي روئي راڄ ۾.

مٿيان مثال ڏيکارين ٿا تہ سامي صاحب سنسار آدرشي جيون ڪاڻ بابت سندر اُپديش ڪري ٿو نہ سنسار کي لياڳ بابت.

ساميءَ جي ڪوتا ۽ صوفي شاعري:—

دنيا جو اهو دستور آهي تہ هر ڪو ڪوي وقت تقاضا موجب ترقيءَ جي راهہ تي رهندي ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کان جهونن شاعرن جي شعر مان ڪا مصر ڪٽي انهي بنياد تي پنهنجي سخن جي اعليٰ عمارت اڏي وٺندو. اهڙو شاعر ڪونهي جو ڪجهہ نہ ڪجهہ وٺي نٿو ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏئي نٿو ۽ شاعريءَ جي بازار اڄ تائين گرم رهندي آئي آهي. تنهنجو ڪارڻ اهو آهي اها ڪار فقط شاعريءَ سان ئي نہ پر هر ڪنهن فن ۽ حڪمت سان لاڳو ٿئي ٿي. شاهہ جهڙي هردلعزيز ۽ اعليٰ شاعر ائين ڪرڻ کان انڪار ڪونہ ڪ

ڪتي مارگ

سرشٽيءَ ۾ جنم موت گڏو گڏ آهن. ماڻهو جنم
تو اهو ضرور مري ٿو. جمڻ مرڻ جيون جا ٻ
آهن. موت کان ڪيئن ڇوٽڪارو ملي، ماڻهو
ي حالت هلي جو ڪيس موت جي مشڪلات ٽٽي
ي. ۸۴ لک جو نين جي موت کان مڪتي ملي سگهي.
راچين وقت کان ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ
پنهنجي جيون جو اڌ وقت انهيءَ مسئلي کي حل
ڻ ۾ لڳايو. ”وان پرست ۽ سنياس“ جيئن ماڻهو
جي جهنجهٽ کان آجو ٿي جنم مرڻ جي چڪر
ڇڙڻ لاءِ اپاءُ سوچي سگهي ۽ مڪتي حاصل ڪري
ي.

ن ڏس ۾ گوتم ٻهر ٻار ڇڏيو. مهاوير سوامي جوانيءَ
گهر جو تياڳ ڪيو. راجا مها راجائون، رشي
جهنگلن ۾ ڀٽڪندا رهيا. پر ڪن ٿورن کي اهو
، همٿ آيو. جن جا نالا امر ٿي ويا. جن جي هن
۾ پوڄا ٿي رهي آهي. لاشڪ انهن کي مڪتي

آهي ۽ وقتي، فارسيءَ هندي ۽ گورواٽيءَ مان بہ خيال
ورتا اٿس.

ڪمير صاحب چيو آهي :-

ڏٺمان انتر اوڙو، جون هڻن نڻن ڇهپيئون،
ناهون ڏيکون اوڪو، نالجهه ڏيکڻ ڏيئون.

شاهه صاحب :-

ونين بہ ٿي وڃه، مان واري ڪٽي ڏيکيان،
لوڪي ڏسي نہ ڏيهه، مان نہ ڏسان لوري ٻيو.

ساميءَ جا ڪهڙا اهڙا سلوڪ آهن جن بہ ٿوري مٽ سٽ ڪري شاهه جي نالي سان نروار ڪيا ويا آهن انهيءَ بہ شاهه جي ڏنڪ آهي لہ اهڙا سلوڪ ساميءَ جي سلوڪن مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجن. جيئن لہ :

سامي :-

اچان ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب بہ،
لئن ٿا ڏوهہ چڙهن، جئن وائن ورقن کي.

شاهه :-

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب بہ،
لئن ٿا ڏوهہ، جئن ورق وائن ولڙا.

اهڙا سب ڪلام غير سمجهڻ گهرجن.

"سوري جنين سيجه، مرڻ تنين مشاهدو."

...يڪي مرڪندي موت جي سيجا تي سمهيا، اهي ...ٿهيءَ منزل تي پهتا. ڪيترائي ديش ڀڳت کلندي ...ب سوريءَ تي چڙهي، مرڻ کان اڳ مري امر ٿي ...يا هيمون ڪالاڻي، سردار ڀڳت سنگهه، سباش چندر ...جن مرڻ کان اڳ موت کي للڪاريو اهي ٿي ...ٿي ويا آهن؟ ڇا انهن جي جڳ جڳ دنيا نه ڪري آهي؟

...ن سچو مڪتي مارڳ اهو ئي آهي، "مرڻ ...ـ مر" شل اسانکي ايشور اهڙي سمت ڏئي، ...ين پنهنجي ديش، جاتي، ڌرم جي رکيا لاءِ ...قت مرڻ لاءِ تيار رهون. مرڻ کان اڳ مري ...منزل تي پهچون جتي وري جنم مرڻ ...ڪر ختم ٿي ٿو وڃي.

...اهڙو موقعو هر هڪ کي ملي سگهي ٿو؟ پر اسان ...هن جي من ۾ اها چاهنا پيدا ڪرڻ گهرجي. موقعي ...جوڌا ٿي نڪري نروار ٿيون. ۽ انهن جي ...نهي کي سڦل بڻايو.

"جي مرڻ کان اڳ ٿا مرن،
اهي وري نٿا جمن ۽ نٿا مرن"

ماستر پيرومل رنگواڻي

ملي وڃي ان ڪري دنيا انهن جي جنم جنم منائي رهي آهي.

فارسي جي شاعر چيو آهي ته:

"بہ ميري اي دوست اگر خواهي رهائي،
کي بي مردن نيابي آشنائي."

ان جو مطلب آهي ته اي دوست جيڪڏهين مڪتي گهرڻ چاهين ٿو ته مرڻ کان اڳ مر. دنيا مان ڇوٽڪارو ملندو. پر اها منزل سولي ڪين آهي.

پير پرجهي پاڻ مٽن جي مجلس ۾،
ڪنا ڪيئن ڪين ڪي لنولائي ٿيا لال،

ٿنڪي ڪوهه ڪرهند وڪال جي مرڻ کان اڳي مئا.

هاٿوڪي لڳ ۾ سنت ڪنورام شهادت جو جامو. پائي پنهن جو نالو امر ڪيو. ڀارت جي هر هڪ ننڍي وڏي شهر ۾ سندس نالو جپيو وڃي ٿو. سندس نالو امر ٿي ويو.

راشٽرپتا مهاتما گانڌي "لنگوٽي ٻار" سڀ ڪجهه ليا ڳ ڪري ملڪي مجمو بڻجي، شهادت جو جامو پهري پنهن جو نالو امر ڪري، مڪتي حاصل ڪئي.

اهڙا مثال ڪيترائي ملندا. جن مرڻ اڳ مري شهادت حاصل ڪئي آهي. انهن کي ئي مڪتي مارگ هٿ آيو. اهي ئي جنم مرڻ جي چڪر کان ڇٽي آتم پد ني وڃي پهتا.

جي آهي ...."

"سچ آهي" رشما وچ ۾ ٿي چيو، جتي غربت
ڪي اهي ڪشت ڏنا ٿا ويٺن اُن دلش ۾ا ذات
هو ٿي حال ٿيندو.

ون چيو "پر ڪري ڇا ٿو سگهجي؟ ڪو به اُپاءُ
هي ظلم ٿيندا ٿا رهن....... اسين ٻڌندا ٿا رهون پر
ي ڇا ٿو سگهجي؟ ونٺي وٺي ڳالهيون ڏيڻ ڪان
ڪري ئي ڇا ٿا سگهون........... سچي ڳالهه آهي.
ڪري ڇا ٿا سگهون........... رشما چيو........... پر
ڳالهه نه ڪر......... ڪهڙي ڇوڪريءَ جي تو ڳالهه
ڪئي......."

ها .... هن ڏکياري ڇوڪريءَ جي ڳالهه ٿي
نه هن ڇوڪريءَ جنهن ڇو ڪري سان شادي ڪئي
ي هند مگيل هو .... پر ڏٺي ليٽيءَ جي
ئي اهو مگيلو ڏني ڪو هو. پوءِ ورتي ڇوڪرو
وڪريءَ سان مگيو .... ۽ شادي ۾ ڪي
ن اڃا پيا هئا ته پهرين ڇوڪريءَ جي ماءُ ڪا
ڻ هئي. سو جياٽين ته جتي منهنجي ڇوڪري
نه ماٽيو ته پڻ ڪي موج ماڻڻ ڇو ڏيان ....
ڪري جي گهر ۾ صرف ماءُ پيءُ هئا. هڪ ڪانسواءِ
سبب شادي ڪئي ل هيون .... سا به
ڳه رهندي هئي ۽ ڪهڙيءَ به ڳالهه ۾ دست اندازي

ڌيان ڪير ٿو ڏئي!

مان ۽ منهنجي ساهڙي بالڪنيءَ ۾ آرام ڪرسيءَ تي ڪجهه پڙهي رهيا هئاسين. پر منهنجي نظر سامهون رستي ۾ اٽڪيل هئي. اتي ۾ پري کان هڪ وچولي عمر جي ڇوڪري لباس ۾ سادي شڪل جي سهڻي ڏاڍي ڏاڍي هلي رهي هئي. هنجي ويجهي اچڻ تي ڏٺم ته هنجي گوري مک تي چنتا ڇانيل هئي. هو جيئن ئي ڪنڌ مٿي ڪري نهاريو ته مون هنکي يڪدم سڃاتو........ منهنجي وات مان ازخود رڙ نڪري وئي ته......... اڙي اڙي هيءَ ته اهائي ڇوڪري آهي .... منهنجي ساهڙي جا ٿورو پريشان ويٺي هئي سا آواز ٻڌي اڳيان وڌي آئي ۽ چوڻ لڳي......... ڇا ٿيو ۽ ڪهڙي ڇوڪري هئي؟

مون چيو ”جنهن ذات ۾ استرين کي ائين پريشا ڪيو ٿو وڃي ان ذات جو اُڌار ڪڏهن به ٿي نه سگهندو ڏسهون پوءِ اُنجو پتن ٿيندو ويندو ۽ اها ذات لائق

ٿي آيا .... الي سيٺي جي منهن تي سونهن
پيو هو .... ڏاهن ۽ ڇوڪريءَ ساهري ڏهر
قبول ڪيو ۽ ٻڌايائين "لکيو منجهه لسلامت - قائم
بءَ نه وهي" .... هن ترڪ ۽ رهڻ منظور ڪيو
اُميد سان مٺان ڳالهه ڦاهي وئي، صابع ٿي وئي
ن ڏينهن ڪانئوءَ به ڏٺو وٺو نه ڪوڪڙ ليل نه
.... ڇوڪري جون دشت پيئڙ ۽ ڇوڪري
ت ڏٺي ولنيون هيون .... "هونئن ۽ مون
جيون ۽ ڏٺو آهي نه عورت عورت جي دشمن
ي .... ۽ ظلم ڪري ٿي ...." وري ۽
جي مردن هن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي
سمجهيو .... آخر سڀ مهمان بنا موڪلائڻ جي
ي ڪري ويا.
رشما هتي مونکي هڪ ويچار ٿـو اچي جو
ائڻ چاهيان ٿي .... "نندپڻ کان وٺي اج
ن ڪونـ ٿيو آهي جو منهنجي مـن ۾ جيڪو
ي .... ۽ ان مطابق ٿيو هجي .... وڏيون
ڳالهيون نه ڇڏيو پر منهنجون ننڍيون ننڍيون
ن ڪڏهن به وقت پوريون ٿيون هجن. اهڙي
تبري ڪاٿي .... ڪونه ڪو ڏهن ضرور
.... ساهريءَ جي ڀلائيءَ جي خواهش سان
ن پوري ڪانه ٿي ...."

نہ ڪندي هئي .... سو هن مائيءَ ٻن ڇئن
کي ٿاهي ڇوڪريءَ جي گهر موڪليو .... ڇو
هئڙي اٿو ٺهڙي اٿو .... عمر جي وڏي آه
فلاڻ ۽ ٻير .... جيئن خبر اٿيئي زالن جي
ڪئنچي وانگر پيئي هلندي آهي. اهڙي نموني
کي پڙڪايو ويو .... شاديءَ ڏينهن سو ٻه شا
ڇوڪري جو پاڻ آيو ۽ ڇپائين ڇوڪرو شاديءَ
مڃي جو هي ڳالهيون آهن ....

ڇوڪريءَ جي گهر وارا سراپجي ويا .... ڏ
چا ٿي ويو .... وچ جي هنن کي خبر ڪونه ه
انهن سيني ڳالهين کي ڪوڙو ثابت ڪيو ويو ....
جيئن تيئن ڪري شادي ٿي گذري اوڏي مهـ
ٻنهي جي رهڻي آئي .... پر شاديءَ رات
ڇوڪريءَ ۽ ڇوڪري پاڻ ۾ ڪونه ڳالهايو ۽ نه ڪو
رهيو .... ڇوڪري ٻه چار ڪري .... "اسا
جو جنم ٻه ٻوٽ ٻڌي مار ڪاڻ لاءِ ٿيو آهي."
جيڪا چوٽي آهي سا ڪيتري قدر نه سچي آهي

ٻئي ڏينهن دستور موجب پاڻ، پيڻ ۽ ننهن
پيٽوئي کي وٺڻ ويا پر ڇوڪرو ڪونه آيو. ص
اڪيلي ڇوڪري گهر آئي .... ٻنهي گهرن ۾
نه، پر جڻ ماتم هو.

آخر ٻئي ڏينهن ماٺ سور پئي ڇوڪريءَ کي س

رهي هئي ڇوڪريءَ جي ماءُ جي حالت نه هن کان
راب هئي ٻڌا هوش ئي ڪونه هوس .... آهي
جي ڳالهه: هند اهو سڙندو آهي جتي باهه لڳندي
.... ها، ٻين کي سيڪ ضرور ايندو آهي پر
اثر ٿورو وقت رهندو آهي.

انهي وچ ۾ ٽي مهنا گذري ويا پر ڇوڪريءَ جي
ي گهران ڪو به نياپو سنيهڙو ڪونه آيو ....
ڇوڪريءَ وارن ڪڙي ڪئي. ڇوڪري جي آفيسرن
دوستن سان ۽ هن جي مائٽن سان مليا .... پر
جي سنڌي جاتيءَ جا معتبر يا مکي جيڪي ڏرم
يادا جا هونئن ته ٻوليون ورا ڏيندا آهن پر هئڙن
ن معاملن ۾ اکيون اندر ڪن ٻوڙا ڪري
يهي رهن .... سو هن معاملي مان سنڌين کي
لاپ ڪونه ٿيو. وري به هڪ مارواڙي آفيسر
وڌي آهو ۽ ٻڌائين نه مان هن ڇوڪريءَ کي ڏيءُ
ب ساهري گهر موڪليندس ۽ سچ پچ ڪيائين به
.... چار ماٺهو گڏ ڪري ڇوڪري مٽين ڪيڙن
ب ساهري گهر ڇڏي آيو .... ۽ ٻئي ڇوتيس
ن وجي ڇوڪريءَ جي سار سنڀال لهي ايندو هو.
ري به نوڪري ڪندڙ هئي .... گهر جو ڪم
ي هئي. هنجي زندگيءَ جو سلسلو ائين هلندو رهيو
.... پر اندر ئي اندر ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ

ڳالهه سڌرڻ جي بدران بگڙجڻ لڳي. ڇوڪرو شراب پيئڻ لڳو سگريٽ مٿان سگريٽ ڇاڙهڻ لڳو. ماڻهن ۾ اسانکي ٻڌايو هو ته ڇوڪرو "هيرو آهي هيرو" پر هيرو ڦري ڪنڪر ڪيئن ٿي پيو؟........ ڇوڪري ڇوائي موڪليو ته مونکي ڪجھ وقت شانتي ۾ رهڻ ڏيو............ ؛ ڇوڪريءَ کي ڪجھ وقت پاڻ وٽ وٺي وڃو.......... ڇوڪريءَ کي پاڻ وٽ وٺي آياسين سو شاديءَ جي صرف ڪجھ ڏينهن کانپوءِ........... جا صرف ڦيرن ۾ ڦاٿي هئي........... ڦيرا نه پون هان ته ٻئي هند شادي ٿي سگهي ها.

پر رشما عجب جي ڳالهه اِها آهي ته ڇوڪرو ڇوڪري ته ڦيرا چڱي طرح ڪونه پيا آهن.......... ڇوندا آهن "ڪبڙي واري شخص جي من کي سنڀالڻ اهڙو ئي ڪٺن آهي جهڙو هوا کي ٿيلهيءَ اندر بند ڪرڻ" ٻڌ ڀڳتيءَ وچان اسان ٿي ٻه اهڙو ڪٺن ڪم اچي پيو. ڪي ماڻهو پيا چون ته ڇوڪري کي جنترن منترن ۾ ٻڌو ويو آهي ٺهڪري ٻنهي ۾ اڻبڻت ٿي پيئي آهي وغيره وغيره .... هي سڀ ڳالهيون مان توکي مختصر ٻڌائي رهي آهيان جي وستار سان توکي ٻڌايان ته ڪاڳر لٽ ٿي وڃي سگھي.........

ڇوڪري واڪل اسٽيءَ ۾ پنهنجي پيڪي گهر ...... ٿي.......... هن جي حالت ڏسي منهنجي دل جنسڊ

جو زر زيور ۽ سڀ سازهيون ۽ ٻيا ڪپڙا ڪسيا ويا
رنج جي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيائون ۽ ڪاڏو
ٻه ڇوڪريءَ جو بند ڪري ڇڏيائون ۽ ڇوڪريءَ
جوڙ لڳا ته سياڻي لوڪي ٻاهري گهمڻ وٺي هلنداسين.
ڪري سوچيو ته هتي منهنجو اسڪول اچڻ وڃڻ
ڪيو آهن ۽ هو ڏانهن مونکي گهمڻ ٿا وٺي هلن........
ڙهڻي راز آهي انهيءَ وچ ۾ هنجي هيڊ ماسترياڻيءَ
جڏهن ڇهه ڏينهن درخواست نه پهتي ته هنجي من
شڪ جاڳيو. هوءَ ٻه ٻن ماسترياڻين کي وٺي ڇوڪري
سال احوال پڇڻ جي بهاني وڃي پهتي ....
ڪريءَ جي شڪل ڏسي سڀ سراپجي ويون.
وڪري ٻڌايو ۽ سنهي ٿي ويئي هئي ۽ هلڻ جي
ٻه ڪاڻ هئس .... ڇوڪريءَ وٽ گهڻو وقت
ي، سڌو هنجي مائٽن وٽ ويون ۽ سر بستو
وڃي ڏنائون. هيئر ته ڇوڪريءَ کي ٻه سخت
اچي ويئي ۽ ڪڙي نموني ۾ آزاد ٿيڻ پيئي

....

يءَ ڏينهن شام جو ڪير ونڊ لاءِ جيئن در لڳي
پازيواريءَ سڌ ڪري جيس نه ڇوڪري !...
ن سان گڏ ٻاهر وڃڻيءَ ته جيئري نه موٽندي....
هنجي ٻڌائي چاهين ته ڪڙي نموني هتان
ڪر.

جي پيٽ منصوبا پئي ٺاهيا. ڏاڍي ڏاڍي هنکي لنگھ ڪرڻ لڳا. اندر ٽوڙي ٻاهر هن جي مٿان ڇوڪسي رکي ويئي .... هن کان سخت پوڇيو ويڻ لڳا. گهر جو ڪم ٻه ٽه سلائي به. انتري قدر جو باسڻ ڀاري واري مائي به ڪڏهن ڇڏيائون .... پهرين لسارائخ ايندائي ڊرلي ڇوڪريءَ کان ڇوڪري جي سس ڀگهار ڪسي ڇڏيندي هئي. پر خرچ پاڻيءَ لاءِ ١٠ رپيا ٻه هٿ ۾ نه ڏيندي هئس. هي اٿو ليڇڻ انهيءَ گهر جا جيڪي پاڻ کي چند عامل ٽا ڪونائين.

پر رشما، شاديءَ کان پوءِ ڇوڪريءَ جي سياءِ ۾ ڪيڏو نه ڦيرو ٿو اچي وڃي. هڪ دفعي هوءَ جهنڪي پاڻ ارپي ٿي الي ظلم ۽ ستم سهندي بس جيئڻ ۽ مرڻ اٿي ئي چاهي ٿي .... هن ڇوڪريءَ کي مارڻ لاءِ هڪ دفعو گئس سلينڊر کي کولي ڇڏيائون .... ۽ هڪ دفعي شربت ۾ ڪچ ملائي هنکي ڏنو ويو جو ڇوڪريءَ جي حالت تمام خراب ٿي ويئي. پر تڏهن به ڇوڪريءَ اهو گهر ڇڏڻ قبول نه ڪيو..........

مونکي ته ائين محسوس ٿيو ته ڇو ڪرو ڇوڪريءَ جو پتي ته پورب جنم جو واري هو.

جڏهن هنن جون سڀ يوجنائون سڦل نه ٿيون ته دشٽ ڇوڪري هڪ نئين يوجنا تيار ڪئي. ڇوڪريءَ کي ڏٺائي هن جو اسڪول اچڻ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو.

ڏولي ڏسڻ وارن کي سڀ ڪجهه ڏسڻ ۾ ٿو اچي
و ڌيان ڏيندو انکي سڀ ڳالهيون ڌيان ۾ اچي
ون. **مگر ڌيان ڪير ٿو ڏئي ؟**

هو ئي سبب آهي جو اسان جون سنڌي وڏ ور
ر ون تمام گهٽيون ڪئوار ون ونيون آهن. صرف
ليتيءَ جي سودي بازيءَ ۽ چوڪرن جي نظرن
ڪري.

ڻ وارا ليڪڪ له گهٽو ڪجهه لکن ٿا. پر اصلي
... ... اچ ٿائين ڪونه ٿيو آهي .... ۽ ٿيندو
ن جڏهن ڪير ڌسان ڏيندو پر **ڌيان ڪير ٿو**
؟

رتنا واچاڻي،
(ٽيچر)

ٻئي ڏينهن ڇوڪرو پاس ڪيائين آفيس ويو جو هو ريلوي ۾ ڪم ڪندو هو. هونئن نه سڄو ڏينهن گهر ۾ موڪل وٺي وينو هوندو هو.......... ڇوڪريءَ سوچيو ته هي وقت آهي پنهنجي نڪرڻ جو .... سو هيڏانهن هوڏانهن ساڙهيءَ جي تلاش ڪيائين آخر هن کي پلنگ جي هيٺان هڪ ساڙهي پئي وئي ڪوٺي ملبا جنهن تي شايد هن جي نظر نه پيئي هئي. ساڙهي پائي بس کي ڇڏائين ته مان وڃان ٿي اسڪول ۾ موڪل وٺڻ .... هنڪي روڪڻ جي ڪوشش نه ڏاڍي ڪيائين .... رڙيون ۽ ڏايون ڪيائون پر ٻڌيس ڪير؟ اهڙي نموني ڇوڪري پنهنجي جان ڇڏائي نڪتي. ڇوڪريءَ وارن پنهنجي ڇڏاءَ لاءِ پوليس کي سوچنا ڏني ۽ ڪيس داخل ڪيو ۽ هوڏانهن وري ڇوڪري قانوني طلاق لاءِ ڪيس ڪيو آهي ۽ ڪيس کي ٻه ٣ سال گذري چڪا آهن پر ڪو به فيصلو ڪونه ٿيو آهي .... هن جو انت ڇا ٿيندو .... پاڻيهي وقت ٻڌائيندو ....

اسانجي سنڌيءَ ۾ جاليءَ جي هيڏا نيچ ۽ پاپي هوئنهار ڇوڪرين جي جيون برباد ڪندا نه اها سنڌي ذات ڪڏهن به وادارو ڪري نه سگهندي. ڌرم ۽ مريادا جو پنڊورو ڏهنڊڙ گهٽا مرد ئي اهڙين انات ابلائن کي ڪچلڻ لاءِ جوابدار آهن ....

”منهنجا ڏٿي هي ٻڌو لوهاڻي حڪم جي ٻراٻر
ري ڪندو.“

ن ڏٺهن ٻارڻ کي آستان لي اڪيلو ڀائي ڀوانيءَ
گگن ۽ نديءَ جي پرلنءَ ٻر وارن کڻن طرف
ب هڪ مڪمت گهرو ساهه کڻي چيو، ”منهنجي
ي عان ڏٺهن ۾ ڪيترا دفعا ۽ پنگ گهوڙي پيان،
۽ هلان، موڪلي ڪوئي چوڻ آڪڻ وارو ڪونهي.
ي وقت هن پنهنجي گوروءَ جي اشور در،
اورجا جي دعا پڻ گهري. ڪيس لڳو ته ساڌوءَ
نگ ۾ اڇڻ ڪانپوءِ ٿي سڀ جيون پردان ٿي
لن ڪان اڳ هو جڻ ورڻ جي ٽاريءَ مان ٽٽل پن
هو. سندس پڪندڙ جيون کي هن ڪتيا اندر
ترڻا ملي هئي. سندس ڪم ڪهڙو هو؟ ٻ
ساڌوءَ کي پنگ گهوڙي پيارڻ، خود ٻ پيئڻ.
سان چاهه گو ۾ ڪرڻ نه ڏ گهٽي ڀاڳي پگتي ڪوئي
ٻرهي ڏسڻي ويندو هو. ٻ ٽائيم ڀڳوان جي
ڪرڻ پنيان جي ڪنهن کي ائڏو سڪ پردان
ڪير هوش نه ٿيندو؟

لهڻ ۾ اڃا ڪافي دير هئي. ڀوانيءَ سوچيو،
ن لان ڪان اڳ ڪؤنديءَ جي آرتي ڪري وٺجي.
ٻ ٻڌل گهنگهرن جي آواز تي جهومندي ڀوانيءَ

پنگ جا رنگ

- هري همٿاڻي

شهر کان دور نديءَ جي ڪناري ساڌوءَ جي ڪٽيا هئي. صبوح شام ڪونڊيءَ ۾ پنگ ڇٽبندي هئي. ماکيءَ جهڙي گهاٽي ۽ ٻُور جي پن جهڙي ساوي. شو ڀڳوان جي مورتي پنگ جي ڇنڊڻ ۾ لُڪي ڍڪجي وئي هئي. پواڻي ساڌوءَ جو پرم شيوڪ شش هو. چڪيءَ جي چشڪي ۾ پنهنجيءَ اڳينءَ جيون کي ڀُلجي ٻنهي موالي بڻجي ويو هو. اکيون ٽانڊن جيان ٻرنديون هنيس. ڏاڙهي وڌي ۽ پيٽ ڪميءَ جي پنيءَ جيان ٻاهر نڪتل. پنگ جا ٻه گلاس چاڙهي مٿان چرس جي بيڙيءَ مان ٻه چار ڪش پيئندو هو ته آڻي باقي اکيون ٻه ٻاهر نڪري ايندڙيون هئس.

ساڌو ڪجهه ڏينهن لاءِ ٻاهر رٽن لئي ويل هو. وير کان اڳ پواڻيءَ کي اهو تاڪيد ڪري ويو ته صبوح شام نيم انوسار آرتي ڪندو رهج ۽ آستان جون حدون اورانگهي ڪيڏاهن نه وڃج. پواڻيءَ اهو آديش پنهنجي هردي ۾ چڱيءَ طرح هنڊايو ۽ پيرن ۾ جهڪي پرڻام ڪري

عمد کي گهڻي وڻي وئي. چيائين، ”ها ها
ٿو سانڍوءَ جا پٽ ٻڌان ٿو. تون به ٻڌي ڇڏ،
ن ڪا به ڪونس ڪٿي اٿيئي نه هتان هميشه لاءِ
ڇڏيندو سانءِ.“

يا ٿو ڇوئين؟ تون مونکي هتان اُڏائي ڇڏيندين.
ي اها مجال؟ هڪ اسانجي حد ۾ وڃي ڇپيون
، هتان وري آڪڙ ڏيکارين. ڏسئو آهي اڄ ته
ٿو ڪيئن کي اُڏائي!“

عمد وڏو ٽهڪ ڏيئي کلي چيو، ”ٻُوهه کي ڪٽيندي
ڪٽي نه ٻُوليهندي آهي شڪارين جا گهر. ٻائي جا
مونکي هن جڳهه تان اُڏارڻ وارو اڃا نه پيدا ڪـو نه
ي.“

لنهنجي سچي مستي اڄ چوُر ڪندس. اڃا تـ
ڪونه ٿيو آهي. اُٺ جي پٽ جو دماغ ڪيڏو
آهي! پاڻ کي سمجهي الائي ڇا ٿو؟ هاڻ ٿـو
ڏيکاريان ته توکي اُڏارڻ وارو ڪير پيدا ٿيو
“ پڻ پڻ ڪندي، پٿر سان ٽڪاري پري مٿي
ي چڙهي ويو ۽ جتي احمد جـار ڦهلائي وڌي
اُلي هڪ هڪ پٿر کري اُڇلائڻ لڳو.

مد کي پرانيءَ جي هن ڪارگذاريءَ لـي ڏاڍي
لگي. ٿاڻن جهڙن اکين سان هن ڏانهن نهاري

ڪوئي ڏيٺ جهڙنگار ٿيندو رهيو.

ڪنيا جي ڳالهه تي وڌيڪ احمد ماڻهو مڇيون ڦاسائيندو هو. منجهند جو پاڻيءَ ۾ ڄار وجهندو هو، شام تائين ڪجهه مڇيون ڦاسنديون هيون، بس اهو ئي سندس گذران جو ذريعو هو. ڀوانيءَ ڪيس گهڻائي دفعا چتايو هو، "اڙي ڀائي ڀڳوان جي آستان تي وڃي ڇو تون اهڙو پاپ ڪرين. توکي مڇيون ڦاسائڻيون آهن ته دور ڪوئي ٻيو هنڌ وڃي ڳول" ليڪن احمد جو ڪن ٻڌندو هو ته ڪياڙي ڪونه ٻڌندي هئي. ٻيوئي لنديءَ مان اهڙو جواب ڏيندو هوس جو ڪن ٻوساٽي هليو ويندو هو. پر اڄ هن اهڙي پڻگ پيتي هئي جو پاڻ کي ملڪ جو والي سمجهڻ لڳو. احمد کي آڪڙ مان چيائين، "اڙي او مهاتما توکي گهڻا دفعا منع ڪئي اٿم ته آستان جي ڀرسان پاپ نه ڪندو ڪر. آخر توکي ڪڏهن مت ايندي؟"

احمد ڀوانيءَ جو منهن تڪڻ لڳو ته اڄ هن جي لفظن ۾ ايڏي ڪهڙي ڪتان آئي آهي! ڀوانيءَ اڳ به ڪيس چيو هو پر اڄ ۽ هاڻ ۾ وڏو فرق هو. احمد ڪجهه چوي ٿي تنهن کان اڳ ڀوانيءَ وري چيو، "مان توکي هي آخرين دفعو چتائي رهيو آهيان سوائي پنهنجي مڏي ڳول ڪر نه ته لاچار مونکي پنهنجي هلٽي پوندي. مان چا ٿو چوان، ڪجهه ٻڌين ٿو يا نه؟

اهو لڏي پوڻيءَ جا پير ٻڌرا ٿيڻ لڳا. منهن جو
اُڏامڻ لڳس. آڻ مٿي پڻتي هٽڻ ٻہ هن لاءِ ڄڻ
برابر هو. ٻاهر ٻون روپ نہ ڇڏي ڇپائين، "ڪٿي
نہ اُترا اُترا ٿي وڃين. پوڻيءَ کي گهٽ نہ پائڻ."
" ڪير گهٽ آهي يا ڪير وڌ اهو رات ٻڌو ڏسي
و." هڪ تيز نگاهہ پوڻيءَ مٿان اُڇلي، ڪاڙهي لڳي
ڏکي احمد رمندو رهيو.

پوڻيءَ جي اهڙي حالت هئي ڄڻ سنڌس سر ۾ ماڻ
مون ٽپوڙي نڪري ويا هجي. هوءَ هر وقت
ٻڌي رهيو هو، "جيڪي پٽڙو ڪاٺو هجيئي پيسي
چڙج. رات لوڪي هميشہ لاءِ سمهاري ڇڏيندس."
جون خوني نظرون سنڌس اڳيان پٺيان ڦري
ون هيون ڄڻ اهي سنڌس پيڇو ڪري رهيون
ن. پڇائڻ لڳو نہ ناحق موت کي الڪار ڪر. پلسي
ڇون ماريءَ ها مون کي اُن کهڙو ٿي درد سڙ
نماڻا نيڻ کڻي هن ٻڌاندو سورج ڏانهن نهاريو،
ماڻ هي سورج سياڻي نہ ڏسي سگهندس؟ سورج
هيءَ لالڻ منهنجين نظرن کي رڳو اڄ اُتي ڏسڻي
؟ ۽ پوءِ سڀ ڪجهہ سمايت. منهنجو موت ....
ي پياڻي! نہ نہ ...." اهو سوچي هوءَ ٿر ٿر
ي ٿي وئي. کيس لڳو ڄڻ هيٺر ڪان ٿي سنڌس اکين

چيائين، ”ٻائي جا ٻئي اچا ٻه وقت پيو اٿيئي سمجهي وڃ.“

”تون سمجهي وڃ. مان سمجهيو وٺو آهيان.“ پوڻيءَ قاتل دهل جيان وڄي چيو.

”جو تو موت کي سڏ ڪرين. اڳي تو تنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن اڇي پورا ٿيا آهن.“

”تنهنجا ٿيا هوندا ڏينهن پورا“ پوڻيءَ هڪ وڏو پٿر اُڇلائيندي چيو.

”او پنگوڙي! هن حرڪت کان باز نه ايندين؟ پاڻيءَ ۾ رهي واڳوءَ سان وير نه پاءِ.“

”اهڙين ڌمڪين ۾ پوڻي ڊڄڻ وارو ڪونهي.“ پوڻيءَ جي سُو نهاري غصي مان ڏڪڻ لڳي.

”باز ڪونه ايندين؟“ احمد جو اهو آخرين چتاءُ هو.

”مان توکي هتان هٽائي پوءِ ئي سک سان سمهندس.“

”نه ياد رک! اج رات مان توکي سک سان سمهاري ڇڏيندس. جيڪي ڪانٽو پٽڙو هجيئي، ڪائي ٻي ڇڏج متان اهو ارمان دل ۾ رهجي وڃيئي. هي سُو تو ڏس. مڇيءَ جي پيٽ بدران رات تنهنجي پيٽ ۾ گهمندو. ڳترا ڳترا ڪري توکي پاڻيءَ ۾ هن هنڌ ئي وجهندس جتي مڇيون تنهنجو ماس کائي ٿلهيون متاريون ٿين.“

؟ تنهن جي مٿان ، سندس اکيون ڇنڊڻيون ٿينديون
و ڏيون، جن کي هو پنهنجي سرتيءَ جي سموري
ـت سان ڪابل ڏکي ويندو هو. پر اُها سرتي به ڏيري
ـع هيٺ پوندي ويئي. کيس لڳو، تنهن جو جهونو
ـں هميشه لاءِ، سدا لاءِ سهاري ڇڏيندو.

هوئين نشو ڪري ڪيئن نه آرام سان سمهي پوندو
. اُها تنهن سندس لاءِ ڪيڏي نعمت واري هوندي
ـي! ليڪن اڄ .... اڄ هو اکيون بوٽي سمهي نٿي
ـيو. اهڙو ڪجهه سوچيندي هو ويٺي ويٺي ڇرڪ
ـ لڳو. رات جي الائي ڪهڙي پهر ۾ ڪال سندس
ـن بوٽي هلندو ويندو ۽ پوءِ احمد ساڄيو مڙي سان
ـت لي مچيون پيو ماريندو پر پار نه هوندو. اوچتو
ـبءَ جي ڪرڻ جو پٽ تي ڦهڪو ٿيو. آسمان جي
ـب کي اڄ مانيءَ پور نصيب نه ٿيو هئو. پوانيءَ نه
هو نه هو به بک تي ويندو هو. ڏڪيءَ تي جڙهي
ـب ۾ رکيل ٿالهيءَ لاٿائين پهچڻ جي ڪوشش ڪيائين
ـالهيءَ پٽ تي اچي ڦهڪو ڪيو. اُن زوردار
ـي ٻوانيءَ جا ماڻا ٽوڙي ڇڏيا. تپ ڏٺي اُٿي
ـيو ۽ سر سان ڪش بڌي وٺي پڳو. هڪ اونده
ـو. ٿانوَ جي ٻڙيءَ طرح پٽ تي ڪري پيو. ڪرڻ
ـي سندس مک مان زوردار ڇرڪ نڪري ويئي.
ـيائين ته احمد کيس ڏڪر ڏٺي ڪيرائو آهي؟

اڳيان اوندهه ڇانئجڻ لڳي هئي.

سنجها جي آرتيءَ وقت به، کيس موت کانسواءِ ٻيو ڪجهه ياد نه هو. آرتي ڪندي مهاڻي جا اکر سندس ڪنن ۾ پئي رهيا هئا، "متان ڪو ارمان رهجي وڃيئي. پي کائي ڇڏج." آرتي ڪري هن ڀنگ جو ڪونڊو تيار ڪيو. چرس ۽ گانجي جون پڙيون ٽڪر جي ڪُني مان ڪڍي کيسي ۾ وڌائين. ڏسندي ڏسندي سنجها جي پرڪاش کي اندهارو اجگر جيان ڳرڪائي ويو. اوندهه ۾ هن جي دل وڌيڪ ڪمزور بڻجي وئي. شانت وايو منڊل ۾ نديءَ جي وهڪري جي گڙگڙاهٽ من ۾ موج جون لهرون اُٿاريندي هئي، اڄ اُن ۾ خوف پيدا هو. ڏينهن جي روٽي هن رات جي کائڻ لاءِ بچائي رکي هئي ليڪن اُن مان هڪ گرهه به کائڻ لئي سندس ارواح نه ٿيو. ڊپ ۾ هنيون ئي سڪي ويو هوس. ها، باقي ڀنگ جو گلاس سو سندس ڳلي مان گڙگڙ ڪندو پيٽ اندر هليو ٿي ويو. لالٽين ٻاري روشني ڪونه ڪيائين. روشني جڻ سندس موت جو پروانو هئي. اوندهه ۾ هو ڪنهن طرح موت کان بچي پئي سگهيو. ليڪن اهو سندس خام خيال هو. موت انڌو آهي ته اوندهه يا روشني ڪونه ڏسندو آهي. هو ڇرڪ پري سڏو ٿي ويو.

رات جي پهرين پهر ۾ ئي کيس جهوٽا اچڻ لڳا.

اُترا اُترا ڪري پاڻيءَ ۾ ڦٽو ڪندو ته عجيبون
س ماس کي مزي سان کائيندا هون. اُن وقت ڪيس
خيال ڪونه ايندو ته هي ان شخص جو ماس آهي
سندن ئي رڪشا ۽ لڙندي پران ڏنا آهن. اوچتو
ڪيس اکين ڏسڻ ۾ آيو ته گهاٽ جي ديوار سان لڳي
ي ڪرونڊڙو ٽيو ويٺو هو. اول ته سندس اوسان
ٽي ويا ۽ پوءِ همت ڪري ڏنڊي کي قابو جهلي
طرف وڌي ويو. گهمائي جو ڏنڊو ڦهڪائي
ن ته ڏنڊو پٿر جي وڏي ڇپ سان ٽڪرائجي
س هٿن مان ڇڏائجي ويو. هينئر هن سامت جو ساهه
ڪيس پڪ ٿي ته اُهو احمد نه پر پٿر هو. تيستائين
پئي لڳس ته جڻ احمد ڏانهس گهوري رهيو آهي.
کي گار ڏيندي چيائين، "ڀاڻي جا پٽ پير زور
ڏ ته هينئر لون ڏوزخ ۾ ويٺو هجين ها."
ڪلاڪ اڌ گهمي ڦري هو واپس پنهنجيءَ اطاقيءَ
ءَ کي اچي ويٺو پياس وچان سندس نڙي سڪڻ
پاڻيءَ بدران هن پيگ جو گلاس چاڙهي ڇڏيو.
ڪ ۾ اهو آخرين گلاس وڌي ڇڏيو هو جو به هن
ڏيو. پيگ پيئڻ کان پوءِ ٻاڙ سڻائڻ لڳس ۽ هينئر
ڀاري ٻيڙي ڏڪائڻ ۽ نه ڪيس ڏپ ٿي رهيو هو.
اهو گمان ڪائي ويو هو ته احمد پڪ ئي پڪ آستان
ڪنهن ڪنڊ ۾ لڪو ويٺو هوندو. ليلي ٻارڻ ٿي

سندس پٺيءَ لــي چڙهي ويو آهي. اڄهو ڪي سؤنو ڳچيءَ ۽ پٺيءَ کان آرپار ٿيندو. گهڙيءَ ساعت بعد جڏهن هن ائين محسوس ڪيو ته پاڻ زنده آهي تڏهن آهستي ڳچي مٿي ڪڍي هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين ۽ پوءِ ڌيري ڌيري اُٿي، اچي واپس دڪيءَ تي ويٺو. درد کان سندس هڏ هڏ سُور ڪري رهيو هو.

ٻيڙين ۾ مسافر آرام سان سُتا پيا هئا. شمعدانن جي جهڪي پرڪاش جڻ سياه آنچل مان ليئا پئي پاتا. جيو جنتر پکي پسون سڀ آرامي هئا. رکي رکي سانءِ سانءِ ڪندڙ ڪو آواز پئي ٻڌو، گويا ڪوئي پرماتما سان سس پس ۾ ڳالهيون ڪري رهيو هو. پوائي سوچڻ لڳو، هڪڙو مان ئي آهيان جو جاڳي رهيو آهيان اگر ٻيو ڪو جاڳندو هوندو ته اُهو احمد ئي هوندو پر هوُ سندس جيان هيئن بي حال ڪونه هوندو. ويٺي ويٺي ڪيس وري جهوٽا اچڻ لڳا. ننڊ ڦٽائڻ ڪاڻ هوُ پاسي ۾ رکيل ڏنڊو کڻي، گهاٽ طرف لهي ويو. اُتي هوُ اُن هنڌ ويجهي ويٺو جتي احمد ويٺو هو ۽ پوءِ ٻيٽ ڏانهن نهاريائين جتي پاڻ ويٺو هو. ڪيس لڳو، هن ڇو ناحق موت کي سڏ ڪيو. جي احمد مڇيون ٿي ماريون ته اُن ۾ سندس ڇا؟ هر ڪو پنهنجي پيٽ پالڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪندو ئي. ڌرم، پاپ ۽ پنج جو بار سندس ڪلهن تي لهي آيو هو ڇا؟ اهوئي جي احمد

هو ته هؤ صبوح جو پرڪاش اکين کين ڏسندو
ن هينئر اُهو سهاونو پرڪاش پنهنجي اکين سان ڏسي
هو. هن سوچيو، ٿورو سج چڙهندو ته هؤ
وقت ويندو ۽ ڪيس چوندو، اسانجو پاڻ ۾ ڪو
و جهڳڙو ڪونهي. جيڪي تو چيو ها مون چيو
ڪجهه وساري ڇڏ.

آرلي ڪري هؤ دڪيءَ ٽي اچي ويٺو. ليٽڻ جا
ها ٿي ڪيائين جو پرپان ستن اٺن سالن جي بار
ايندو ڏٺائين. هن جي هٿن ۾ ڏونگهو ڪٽورو
اُهو بالڪ سندس اڳيان اچي بيٺو ۽ نمرتا سان
چيائين "بابا اوهانکي منهنجي پيءُ ڪالهه رنجايو
. دبا پالي هن کي بخشيو ۽ هي کير ڪٽورو
ابا."

واني پهرين ته وائڙن جيان هن ڇوڪري جي منهن
ر ايندو رهيو جنهنجي صورت ۽ اکين مان ابوجهائي
رهي هئي. هؤ سمجهي نه سگهيو ته ماجرا ڇا
؟ پوءِ پڇيائين، "تون ڪير آهين ڙي؟"
مان احمد بخش جو پٽ آهيان."

و بدناڻي پوانيءَ جون اکيون ڦاٽي ويئون. احمد
ڪري ٿي ته هؤ سڄي رات سمهي نه سگهيو هو.
ون ۽ ڇهوٽا ڪانيندي رات گذاري هئائين ۽ هينئر
اڻيو ماٺهو ڪيس کير جو ڪٽورو موڪلي رهيو
واني سوچيو، دال ۾ ڪجهه ڪارو آهي. جت

هُو ڪيس ڏسي ويندو. سچي پڇ ته جو ڪيس هاڻ احساس ٿيڻ لڳو ته ڪنهنکي خوامخواه ستائڻ ۾ ڪيڏو نه ڪشٽ ڀوڳڻو ٿو پوي !

هڪ دفعو وري آواز ٿيو، هلڪو آواز. پواني ٽرڪ پري الف جيان اڀو ٿي ويو. اونده ۾ چٻري وانگر چنائي ڏنائين ڪيس ڪجهه به نظر نه آيو. وري ٻيهر ساڳيو آواز ٻُڌو سندس پيرن وٽ ٿيو. ليلي ٻاري ڏٺائين ته هڪ وڏو سانپ (ناڳ) ٽلسيءَ جي ڪونڊيءَ وٽ ڦڻ ڪڍيو ويٺو هو. ڊپ ۾ سندس سر جا سمورا وار اُڀا ٿي ويا. ساهه جڻ لڪيءَ ۾ اٽڪي پيس. ڪسڪو ڏيئي گهاٽ طرف هليو ويو. ڪيس اهڙا پرون پيا ته ڪال موت جي سيجا تي سمهاري ڇڏڻ کان اڳ اِن طرح ٽرڪ پرائي ڊيڄاريندو آهي. يقينن اڄوڪي رات سندس جيون جي آخرين رات آهي.

گهاٽ تي مرن ٻوڙ پاٽيءَ ۾ رکيل هڪ وڏي ٽپ تي وڃي چڙهي ويٺو. اُن ٽپ تي هُو ڏينهن جي وقت ڪپڙا سُڪائيندو هو. هاڻ ته باقي رات اُن ٽپ تي ويهي گذارڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه هو. موت سندس اردگرد چڪر ڪاٽي رهيو هو. جهونا ڪائيندي ٽرڪ پرندي جڏهن ٽٽن ڪري پوانيءَ رات گذاري. پورب ۾ پرڪاش ڦهليو. مور ٻهرن ٻڙڪون هاڪاري ٿئي پرڀات جي سڪمير گهڙين جا گيت آلاپيا. پوانيءَ هڪ گهرو ساهه کنيو. سندس من تي اِهو پؤ

ٽورو ڏنو. ڀوانيءَ اُن مان ٽورو مٽيءَ جي ڀاڻ ۾
ڇي ڪتي کي پيار ڏنو. ڪتو چٽ چٽ ڪري ٻـي
. ڀوانـي ڪتي ڏانهن گهوري نهارڻ لڳو. پـر
ي جي اندر ۾ ڪي ولوڙا ڪونه پيا ٿيو ئي احسانمند
سان ڏانهس نهاري جڻ مرڪي رهيو هو. هيـٺـر
يءَ ڪٽورو خالي ڪري ڇوڪري جي مٿي لـي
س جو هٿ رکي چيو، "وڃ پٽ تنهنجي پيءُ کي
ڪري ڇڏيم."

ڇوڪري احسان وچان هن سمت پرش ڏانهن نهاريو.
جا چپ خوشيءَ مان ڦڙڪڻ لڳا ۽ اکين ۾ آنسون
آيس. وڃڻ کان اڳ هڪ دفعو وري ڀوانيءَ جي
۾ نوڙي پرڻام ڪيائين. ڀوانيءَ سندس پٺـي
چيو، "پٽ چنتا نه ڪر. تون گهر وڃ. تنهنجو
چاڪ ٿي ويندو."

ڇوڪرو خالي ڪٽورو ڪـڇي خوشيءَ مان گهر
ڊوڙڻ لڳو. هيٺر ڀوانيءَ سڪ جو لمبو ساهـ
چوطرف نهاريو. نديءَ جو ڪنارو، هوا ۾ لهرائيندڙ
ٻوٽن جا سفيد سٽ ه، ڪائنات جي هر ڪا وستو
بيحد ئي پياري ڀاسڻ لڳي. هن من ئي من ۾
ي اِشٽ ديوتا جو سمرڻ ڪيو ۽ پوءِ چرش جي
مان زوردار ڌوڻان ڪڍي، ٻانهن کي وهاڻو
ڪيءَ ٿي ليٽي پيو.

تي ڪهڙو اعتبار؟ ڪيس اها ڇوٽي ياد آئي، جت ڪيڏو به سونو پر بدن جو ڪو انگ ضرور پٽل جو هوندس. پڪ ئي پڪ اِن ۾ ڪا چال آهي. کير ۾ زهر ملايل هوندو. جت جو پٽ دوبدو وڙهڻ جي همت نه ساري حرفتبازيءَ سان ليٽائڻ ٿو چاهي. پر اڳيان به پواني آهي. ڇوڪري کي هڪل ڪري چيائين، "ٽري وڃ منهنجي اکين اڳيان ڪٽي تنهنجا ٻه نه ڏانهوڙا ڪڍي ڇڏيان" ڇوڪرو هڪدم ٻه قدم پٺتي هٽي ويو جو ائين چوندي ڪٽوري کي پٽ ۾ ڪيرائڻ لاءِ پوانيءَ هٿ هلايو هو.

بالڪ پوانيءَ جا ڳاڙها ڏوڏا ڏسي ڏڄي ويو. پر تڏهن به همت رکي ٻاڏائيندي چيائين، "منهنجي پيءُ کي بخار ٿي پيو آهي رات کانو ئي غش ۾ ٿڙٿڙائي رهيو آهي. منهنجي ماءُ چيو آهي ته سنت کي کير پياري معافي وٺج. منهنجي پيءُ تي دَيا ڪيو نه بابا" ائين چوندي بالڪ جي اکين مان زار زار ڳوڙها وهي آيا.

پواني هيڏر کي قدر پيو. سوچيائين جڏهن پاڻ سمجهيو هئائين تڏهن ڪونهي. پر تڏهن به پڪ ڪرڻ لاءِ ته متان کير ۾ زهر هجي، ڇوڪري کي هڪل سان چيائين، "مونکي ڏي کير جو ڪٽورو."

ڇوڪري ڏڄي ڏڄي سندس هٿن ۾ کير جو

ن دؤر آهي. مڙئي مخلوقات مالڪ جي
ي ۽ مالڪ هڪ آهي. سيد عبدالڪريم جو ڪلام
ي :—

"لون چئه الله هڪڙو، ٻولي ٻي م سک،
سوئي لکيو لک، سچو اکر من ۾."

شاهه ڀٽائي ۽ سيد بلڙيءَ واري ڪان آيانو ۽ اوائلي
ر قاضي قاضن هو. سيوهڻ شريف سنڌس جنم
ان هو. سيوهڻ شريف سنڌي سڀيتا جو مرڪز
سنڌؤ ڪناري سنڌ ديش جو پراچين شهر ۽ ڪنهن
ت گاديءَ جو هنڌ به هو. هن جي سڳوري ڀڙ
شهباز قلندر جي ڌمال لڳندي هئي ۽ سونهاري
ع پير اُڏيري لال صاحب جي جهمر ٻ ۽ يعني مسلمانن
ڪو مذهبو ۽ هندن لاءِ ورن ديوتا جي گاديسر.
ڪر صاحب جن جو ٻولو آستان هو نڪرن جي
ڪي ساري سنڌ ۾ سرهي هوندي هئي جڏهن شهباز
ريءَ جي مرهندي.
هڙي واهڙ منڊل ۾ قاضي قاضن جنم ورتو هو.
بند رهين صدي هئي. سنڌس شعر گهڻو ڪونهي.
چئجي ڪٽي ڊ تورو آهي. پر بنيادي آهي، چوڻو.

"جوڳيءَ جا ڳالهوس سڄو هوس نه ۾،
تهان پوءِ ٽيوس، سنڌي پرهان پيهري."

ڻن شاهه صاحب پڻ چيو آهي:—

سنڌ ڀٽ جو سُرُ

سپينا جو شاهد ساهت. سنڌ سڳوريءَ جي اُوچ سپينا سنڌ جي صوفي سر ۾ ڳئي سمايل آهي. سنڌ جي صوفي صورت ۽ سيرت جو سرمور سردار آهي شاهه سڳورو. سر يمن ڪلياڻ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽ ڌڻيءَ جو ڪلام آهي:—

”صوفي لاڪوفي. ڪونه ڀانئيس ڪير.
منجهان ئي منجهه وڙهي، پڌر ناهس پير،
جنين ساٽس وير، تنئي لنهن جو واهرو.“

انهيءَ نوع ۾ ويد وادي سامي سنت سجان جو سلوڪ آهي:—

”جنهن ڀليو ڀاڻ، ماڻي ساڌ سنگت سان،
سو سامي رکي ڪين ڪي وڙ پاءُ ڪنهن ساڻ،
سڀ جو گهوري ڪلياڻ، پر لنئر جاڻي پنهنجو.“

صوفي لاڪوفي. يعني صوفيءَ کي ڪوئي مذهب ڪونهي. نه ڇا؟ صوفي بيدينو بي ايمان بندو آهي. نه نه هرگز نه. پر هوُ دين ڌرم جي معاملن کان مٿي آهي. تعصبي يا هٺيلو نه آهي. هوُ دوئيائي جي دائري

انهن نه ڇپائين ته سندس ذات پاڻي مسلمان ٿيو تا
وڃن جڏهن خدا تعاليٰ هر هنڌ وسيئو. مُول ڳالهه
سائين سان ملاقاتي ٿيڻ ۽ جن جتي وشواس رکيو
نتي پالو. محمد شاهه صاحب جي سياءُ ۾ نه هوندو هو.
اهڙي طرح ڪفر ۽ ڪافر ٻن لفظن اکرن کي به شاهه
صاحب سنڌ ر لشر لايج ڏيڻي پنهنجي اُوچ صوفياڻي
ـس جو ثبوت ڏنو آهي. اهي ٻه اکر مسلمان تعصب
ن هندو ڌرم ۽ هندوءَ لاءِ ڪم آڻيندا آهن. پر
نشي شاهه صاحب انهن ٻن شبدن کي اهڙو نه روحاني
ڏنو آهي جو هندن کي شاهه صاحب چوڻو نه
۽ ڪافر لفظ آهن. لفظن ڪهڙو لحاظ، ڌرم جو نه.
ته تنهنجي ڌرم جو نالو ئي ڪفر آهي ۽ تون اُن
ـؤ جاري ڪافر. پوءِ جيئن اسلام ۾ ٻئي ڪنهن
جا نيم آهن، تيئن ڪفر پنٿ جا به نيم آهن. موکي
ـمان آهي سو هن ڳالهه جو ته تون انهن نيمن جي
نه تو ڪرين چوڻو:—

”ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر ۾ ڪوتاهه“
هندو هڏ نه آهئين، جٽيو تون نه جڳاءِ،
تڪ لميون ليءَ لاءِ، سچا جي شرڪ سين“ (سر آسا)

همر ٻـي رساءُ ٿيندو آهي. تڏهن شاهه صاحب
دليائين ڏانهن مٿين قبري تو چوي :—
”ان پڙنه ايمان، جئن ڪلمي گو سڏائين،

”اُو ڪو ٻيو فهم جنهن سان پنهنجي ڀلائيءَ کي“

قاضي قاضن جا ٻه قول آهن هڪ ته دين ڌرم جي راهه تي هندو ۽ مسلمان جو ڪو سوال ڪونهي. رهبر ڪير به هجي. اسان کي راهه رب جي ڏيکاري ته اسانجو ڪارج سڌ ٿيو. ٻيو ته رب جي راهه تي هلڻ لاءِ مذهبي روايتون ڪو روشن منار ناهن. سندس رکيل بنيادي پٿر تي سيد عبدالڪريم ديوار کڙي ڪري هيءَ سياٽپ جو بيت اُڪرايو آهي :—

”جنين جنين ورق ورائين، تنين تنين ڏنو، ڏوهه
رهڻيءَ رهيو نه سڀ رلن، نه کهڻيءَ ڪيو ڪوهه.

جوڳين جي ساراهه شاهه سڳوري به پنهنجي ڪلام ۾ جنين جو تنين ڳائي آهي. انهن ٻيو لڳي جهڙڪ جوڳين جي سنگ ۾ هن هندن جا ڪيترائي تيرٿ آستان ڏٺا هوا:—.

شاهه صاحب جي دوستن جوڳين جي بنسبت گستاخيءَ وچان هيءَ لفظ چيا هئا ته :—

”ڪوڙا سڀ سوامي، ڪوڙا سامين پنڌ،
هوت وسي هر هنڌ، هو ڇو وڃن هنگلاج؟“

تڏهن شاهه صاحب ڏاڍي سونهائينديءَ طرز ۾ اُتر ڏنو ته :—

”سچا سڀ سامي، سچا سامين پنٿ،
هوت وسي هر هنڌ، هنن ڏنو هنگلاج ۾.“

ڌيءَ جي سڃاڻپ

پڇيو غير سنڌيءَ مون کان مُسڪرائي،
سنڌيءَ جي سڃاڻپ ڀلا ڪهڙي آهي؟

(١)

چيو ننهڪي مون، هار لوڪي به هوندا،
سنڌي هوندا ۽ ڪي پنجابي به هوندا،
ڪي هوندا ايراني ڪي مدراسي ڀائي،
ڪي هوندا بنگالي ڪي گجراتي هوندا،
مگر تن مان جيڪو گهڻو لوڪي چاهي،
سو پڪ سنڌي آهي، هو پڪ سنڌي آهي!

(٢)

هجي ڀلي هو بابو يا ڪوئي آفيسر،
انسپيڪٽر - ڪمشنر - ڊرائيور - ڪلينر،
هجي اردلي يا سپاهي داروغو،
هجي طبلچي يا ڪو ميوزڪ ڊائريڪٽر،
پنهنجي رعب - رتبي جو ڏاڪو جمائي،
سو پڪ سنڌي آهي هو پڪ سنڌي آهي!

ڏٺا تنھنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منھن ۾ مسلمان، اندر عاذر آھين."

مراز قليچ بيگ ھيءَ ٻي روباعي ٻڌائي ٿو:—

"منجھ عشق نه ظاهر نه ڳجھو آھيان آءٌ،
جان آھيان نه آءٌ ٽڪي جشو آھيان آءٌ،
ڪافر نه مسلمان، عجيب آھيان شخص،
جنھن ۾ تنو نظر ڪريان اھو آھيان آءٌ"

صحيح پڙاڏو آهي سچل سرمست جي الاھي عشق جو آواز:—

"جوڻسي آھيان مان سوئي آھيان،
ھندو مومن نه آھيان مڪان"

سچل جو لاھوُت ڏانھن لڏي وڃڻ جو سنه ١٨٢٩ع آهي. ۽ مراز قليچ بيگ سنه ١٩٢٩ع. قاضي قاضن جو جنم ١٥ صدي يعني لڳاتار ڇھه صديون اِنھيءَ ڌرم نرپيکشتا جي لاتَ لوڻ جو سلسلو قائم رکيو ويو آهي. سچل سائين جو گادي نشين ٽري ڳوٺ جو شمس الدين ته پاڻ کي گرو نانڪ ديو جو اوتار سڏائيندو هو ۽ اڄ نانڪ يوسف جي نالي سان پرستو آهي. سائين سڳي قبول محمد شاھ درازن جو روحاني روشن ورثو تيرٿداس منگھمل گيانچنداڻيءَ جي سپرد ڪيو ۽ ڌرم نرپکش سنڌي سينا جو جھنڊو بلند رکيو.

نارائڻ ميراني

زل

۱ جوت جيون جي ڪٿ جلي آهي،
هڪ نئين روشني ڦٽي آهي!

۲ ها عمر اوندهه ۾ پلي آهي،
روشني هوءِ به روشني آهي!

۳ خود جلي جڳ سڄو ڪندي روشن،
چٽڪ اڄ دل ڪسي جا لڳي آهي!

۴ اڄ اميري جا چشم نم آهن،
ي مفلسه مان صدا اٿي آهي!

۵ ڪا امير آ نه ڪا غريب آهي،
شاد ناشاد زندگي آهي!

۶ تصور ۾ بهار آئي آ،
آرزو جي ڪلي ٽڙي آهي!

سرو "سياه"

(٣)

ڪلا جهڙي دل هـن جـي سيني ۾ آهـي،
ڪري تـو اهـوئـي ڪرڻ جيڪو چاهـي،
رهي عيش سـان هـو جتي پـي رهي تـو،
اميرن کـان گهٽ ڪين پهري ۽ کـائـي،
پـر کـان صـفا جـنهنکـي انڪار آهـي،
نہ پڪ سنڌي آهي هوُ پڪ سنڌي آهي!

(٤)

الـڳ صوبـو پـنهنجو پـنجاپـين بڻايـو،
مرائن بہ پنهن جو الـڳ پرانت ٺاهيو،
مـگر ڏار سنڌ پـرانت ٺـاهڻ جي بـدران،
سنڌين ديش جـي هر نڪر کـي وسايو،
تـو ويران زمـين جيڪو گـلشن بڻـائـي،
نہ پڪ سنڌي آهي هو پڪ آهي سنڌي!

(٥)

سنڌي لون بہ آهين- سنڌي مان بہ آهيان،
فخر سـان ڪـٺي ڪهڻ- سنڌي سڏايـان،
سنڌي قوم ڪنهن قوم کان گهٽ نہ آهي،
جـو آهي سنڌين وٽ ٻـين وٽ نہ آهي،
جـو هـر قـوم کـي پـيار پـنهنجو بڻائـي،
نہ پڪ سنڌي آهي هو پڪ سنڌي آهي!

صوبو رامچنداڻي "عيش"

ڀيءُ جن ڀِي پڙهاءُ مرچ اوهان لي ڪيا هزار
ي ماءُ ڀيءُ اوهين موج ۾ انهيءَ جيئڻ کي آه ڌڪار !

ا جي ٻه ڪپالر ڪافر، لوڪ نه تن جي ڪندا پچار
ت بڪ، پيا مرن ۽ هي عاصب ڪن پيا شيل شڪار !

درجي لي آهيو **خوابي** رهو وڏن جا شڪرگذار
ي ٻه ڪم اهڙا وڏا ئي، وڏڙن جا نه وڏا وچار !

روچو "خوابي"

مرضيءَ جا آهيو مختيار

اڄ نه ڪريو ٿا پارٽيءَ جا ڇنڊي اوهان کي آهيو ٻار
آئينده جا ابا وڏا ٿي جوان ٿيو ڪي هونهار
ڇو ڪٿي ٻا ڇيو نه منڙا مرضيءَ جا آهيو مختيار !

ماءُ پيءُ جن ڏنا اوهان کي سک، ڪيترا ڪيڏا پيار
منان جدائي ڪري جيئري ويو مائٽن کان ٿي ڌار !

ماءُ پيءُ جي شيوا ڪن ٿا لهن ٿا جيڪي سار سنڀار
انهن جون نيڪيون پيون ڳائجن انهن جا آهن ناماچار !

دعا وڏن جي لڳي وڃي جي ويو وڏا ٿي شاهوڪار
آفيسر ٿي ويو ڏسو پوءِ باغ بنگلا موٽر ڪار !

اهي سپوٽ چئجن ٿا جي وڏن جا فرمان بردار
رهن وڏن جي شيوا ۾ آڳيا ۾، ادب ۾ ٿا هروار !

اهي ڪپوٽ سڏجن ٿا جي بلڪل نٽر صفا نڌار
پٽيل وڏن جا خوش نه نه رهندا، دکي ئي رهندا سڄي ڄمار !

ماءُ پيءُ جي ڪريو شيوا گهر ۾ آهن سرڳ دوار
گهر ۾ گنگا، گهر ۾ جمنا، گهر ۾ آ ڪاشي هردوار !

ـزل

نہ سمجھہ ٻہ جو اچي سو ڪتاب ڇا مان ڪريان،
لڪيرون اٿيون سڏيون ۽ حساب ڇا مان ڪريان!

ڪلا نہ آهي، ڪلاڪار جو نہ ڪوئي قدر،
سهي سگهان نہ ڪلا جو عذاب ڇا مان ڪريان!

ڏسڻ سان جنهنجي آ ڦهليو بدن ۾ زهر ڏنگو،
پناهہ چاهيان ٿو، اهڙو شباب ڇا مان ڪريان!

هوا نشيلي آ موسم ٻي آهي مست، مگر،
اڪيلو آهيان ۽ ٻي ڪو شراب ڇا مان ڪريان!

گذاري عمر سڄي آهي سادگيءَ جي اندر،
حياتي باقي بچي آ، خراب ڇا مان ڪريان!

اچي ٿي دل جي زخم مان ٻي پيار جي خوشبو،
نہ آهي طلب ٻي ٻهرس گلاب ڇا مان ڪريان!

نانڪ چوٽواڻي "ٻهرس"

غزل

- نيڻن رستي پهتي دل ۾ تنهنجي نرم نهار
ڪرڻن کي ڪئن روڪي سگهندي شيشي جي ديوار؟
- پيار منجهان گل نڪتا تنهنجي لڪندي ڪئن مهڪار؟
ڇوڏس گهر گهر پکڙي پهتي پنهنجي پريت - پچار!
- تو جهڙي سندرتم رچنا ٻي نه جڙي جڳ منجهه
سڀئي ڪلائون ڪم ۾ آنديون قدرت جي فنڪار!
- تنهنجو پير ڪٿي جنهن ڇم ڇم ڇمڪي ٿي پازيب،
قدرت پڻ جهومي ٿي ٻڌندي پايل جي جهنڪار!
- منهنجو سڏ هوا ۾ گونجي پهتو ڪيڏو دور؟
مگر سڏ ۾ جنهنکي، تنهن ٽائين پهتي ڪين پڪار!
- اصلي روپ لڪايو سين ۽ ڌاريو سين بهروپ،
لوڪن ليکي گڏ ٿا گهاريون، پنهنجي ليکي ڌار!
- راهي جيون جي ڪنڊن ۾ گويا قول - گلاب
نرمل، ڪومل، سباجها، منتا، منوهر پيار!

ڏولڻ "راهي"

جي نہ اچي ها ننڊ نڊوري،
ڪِن ڪن ها اُن اونئي چوري،
ناحق مونکي ننڊ نهوڙيو،
غفلت مونکان گهوٽ وڇوڙيو،
مون ٿي قيامت لائين لوڙيو،
ڏهون ڪي چوڏوه ڏيهان مان؟

ء! ٿڪيس مان ڏونگر ڏوري،
هٽن ڇڏيا پير بہ جهوري،
نگر مونسان ڇڏ ڏايائي،
اڳيئي سورن جائي،
سون پوريءَ ساڻ پلائي،
ذي، لعل ڪٿن لهان مان؟

اُوليان ٿي گس گهاٽين جا مان،
پير پڇائي ڏاگهن جا مان،
واءُ لڳو ۽ ڏوڙ اُڏامي،
مٿجي وڻا نيشان مدامي،
آشائن جي لاٽ اُجهامي،
ڪٿن پنهل جو پير ڪڍان مان؟

سسئيءَ جا ست ويري

ڏير ڪٺي ويا هوت پنهل کي ،
ڪنهن جي خاطر هاڻ جيئان مان ؟
مونکي ڪانه جهلي ڪا جيڏيون ،
هاڻ ڀنڀور کي باهه ڏيان مان !

جن مرڪي خوش ٿي ڪينڪاريو ،
تن جي سازش مونکي ماريو ،
ڏيرن اهڙو ڏوهه ڪيو ڇو ؟
دلبا ڏيئي ڌوهه ڪيو ڇو ؟
مون ۾ محب سان موهه ڪيو ڇو ؟
ڪئن ڪنهن تي ويساهه ڪيان مان ؟

اُت ڇا ، اوتي ڀي ويري ٿيا ،
مات ميت ۽ خان ڪٺي ويا ،
مٽن ۾ مٽيءَ جي ڪين پڇيو ڪي ،
اُن مٽن ڀي ڪين ڪڇيو ڪي ،
ڪنهنجو هڏ ڀي ڪين لڇيو ڪي ،
پاپين کي ڀوهه ڇو نه ، پڇيان مان ؟

ش وديا سمتيءَ جي سهاري هلندڙ ڪاريه

تعليمي ڪاريه

ڊرش ڊگري ڪاليج. ٢. آدرش ملٽي پرپز هائر
ينڊري اسڪول ٣. آدرش وديا مندر (ڇوڪرن
ءِ اسڪول). ٤. آدرش ڪنيا وديالیه (ڇوڪرين
اءِ اسڪول). ٥. سوامي ڪيولانند گوالانند وديالیه
واسي وديالیه. ٧. آدرش ٻال مندر.

ڪلا ۽ هنر

رش ڪلا ڪيندر. (لوڪ سنگيت ناٽڪ منڊلي).
رش اديوگ شالا (انگوڇا ٽوال، چادرون،
ون ۽ غاليچا وغيره ناهڻ ۽ سيکارڻ جو مرڪز).

سهائتا ۽ ٻيا ڪاريه

ٻلڪ ريڊنگ روم. ١١. وديارٿي ڪتاب
. ١٢ غريب وديارٿي سهائتا فنڊ. ١٣. غريب
ٽين کي ڪپڙو. ١٤. ڌرماٿو اسپتال ١٥. آدرش
منڊلي. ١٦. آدرش پبلشنگ هائوس. (سنڌيءَ
سي ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ). ١٧. آدرش
ي سوسائٽي ١٨. ڦولي کوراڪ جي ورهاست.
ميانی مخزن. ٢٠. آدرش سنڌي سرڪل.

وڻ ري تيو سڄ منهنجو سر ۾،
سات ڏنو جنهن ڪين سفر ۾،
لهي انهيءَ پي ڪٿي اونڌائي،
رڻ ۾ ڪونه رهيو ڪو راهي،
منهنجو ڪو ٻه نه اوهي واهي،
ڪنهن سان پنهنجا سوُر سليان مان؟

ڪيم ڪيچ ڏي ڪاهون ڪيئي،
مان هڪڙي ٻر راهون ڪيئي،
چنڊ ٻه وڻ ري ڪين مڙيو چيو؟
وڻ وڏيءَ جو ڪين ڪڙيو چيو؟
جانب سان مون جيءَ جڙيو چيو؟
هاڻي ڪنهن کي دانهن ڏيان مان؟

ڏينهن ڏنگو جي ڪين ٽٽي ها،
وار ونگو پي ڪين ٽٽي ها،
ڪنهنجو ڏوهه نه آهي ڪوئي،
لوڙيان تي سڀ ڪرمن جو ئي،
ايڪ اڪيل آهي اهڙو ئي،
ڏاهي ڏهنڪي ڪئن سگهان مان؟

وليچا • موتيرام
”زنده“

هي مخزن عڪس تنهنجي جو به هڪ رنگين نظارو آهي
اسرندڙ نوجوانن جي امنگن جو اشارو آهي
سخن سازيءَ جي هر تاثير ۾ تون ئي ٿو دم ڦوڪين
تون واحد ٿو تنهنجي جلوي جي صورت سؤ هزارو آهي